بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

# عرض حال

الحمد لله رب العالمين٥ والصواة والسلام علي محمد سيد المرسلين واهلبيت الطاهرين٥

الله پاڪ جا لک لک احسان آهن جنهن اسانکي مسلمان بنائي پنهنجي پياري نبي حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم جي امت ۾ قرار ڏنو ۽ ان جي آل اطهر جي محبت سان سرفراز ڪري انهن جي دامن سان وابسته ڪيائين - الحمد لله

اهلبيتن جي محبت امت تي واجب ٿي ، ان جو ذڪر هن ڪتاب ۾ اڳيان ايندو - جناب رسول الله صلعم جن به انهن سان محبت ڪئي ۽ مسلمانن کي وقت بوقت پارتون ڪيائون - اهوئي سبب آهي جو مسلمان خصوصن سني ۽ شيعه انهن سان محبت ڪرڻ کي عين فرض ڄاڻي انهن جي خوشيءَ ۾ خوشي ۽ انهن جي غميءَ ۾ غمي ڪن ٿا- خاص ڪري جڏهن محرم نمودار ٿئي ٿو ته سڀئي گڏجي حضور جن جي

پياري فرزند امام حسين عليه السلام جو ماتم برپا ڪن ٿا. نذر نياز ۽ خيراتون ڪن ٿا. سبيلون جاري ڪن ٿا ۽ مجلسن ۾ ويهي شهادت جا قصا ٻڌي پنهنجي اکين مان ڳوڙها وهائي ثواب حاصل ڪندا ۽ حضور جن کي پرچائي ڏين ٿا.

ان لاءِ جيتري قدر خبر آهي ته سنڌ جي اندر ڳوٺن ۽ شهرن ۾ جتي علم جا مرڪز به هوا اتي اتفاق ۽ اتحاد ايتري قدر ته هو جو گهڻو ڪري سني خواه شيعه، پنهنجا ڏهاڙا گڏجي ملهائيندا هوا خصوصن جڏهن محرم جا ڏينهن ايندا هوا ته گڏجي امام عليه السلام جي ماتمداري ڪندا هوا. مگر جي ڪڏهن ڪي شامل نه به ٿيندا هوا ته به ڪڏهن ڪنهن جي دل شڪني نه ڪيائون. مگر افسوس سان لکڻو ٿو پوي ته اسلام ۾ هڪ اهڙو به فرقو آهي جو اهلبيتن سان بغض رکندو ٿو اچي ۽ انهن جي قاتلن ۽ دشمنن کي اميرالمومنين ڪري ٿو مڃي ۽ انهن جي مدح سرائي ۽ اهلبيتن جي شان کي گهٽائڻ لاءِ تحريري خواه تقريري ڪوششون ڪري رهيو آهي ۽ ايتري قدر ته انهن جي دلين ۾ انهن جي محبت جاءِ وٺي چڪي آهي جو معلوم ٿئي ٿو ته ڪن ته

دور انديشيءَ جون ميئي حدون اوراگهي پنهنجي اولاد جو نالو يزيد وغيره جي نالي تي رکيو آهي حالانڪ امام حسين عليہ السلام جهڙي حريت جي علمبردار شهيد اعظم جي شهادت جي يادگيري کي مٽائڻ ۽ يزيد کي انهيءَ گناه کان بي ڏوهي ثابت ڪرڻ لاءِ ڪيترن ئي قسمن جون غلط پروپئگنڊائون ڪري مسلمانن کي برغلائي رهيا آهن. نہ رڳو برغلائي رهيا آهن مگر مسلمانن کي پاڻ ۾ ويڙهائي انهنجي اتفاق ۽ اتحاد کي ٽوڙي پاڪستان کي ڪمزور ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. ان لاءِ حيدرآباد جي محرم واري فساد جو واقعو ۽ ٻيا ڪيترائي اهڙا مثال موجود آهن.

۽ هيءَ ڳالهہ بہ عالم آشڪار آهي تہ محمود احمد عباسيءَ نالي هڪ شخص بہ پنهنجن پيرن جي پيرنم ۾ انهن جي ارواحن کي راضي ڪرڻ لاءِ ڪتاب "خلافت معاويہ و يزيد" لکي اهلبيتن تي ناپاڪ حملا ڪري سڀني سنين خواه شيعن جي دلين کي مجروح ڪيو. ان جي بي بنياد بڪواس جي رد ۾ ڪيترن سنين خواه شيعن ڪيترائي ڪتاب لکي مسلمانن کي صحيح حقيقتن کان واقف ڪيو. جزاڪالله.

نازو وري اخبار پنجتني حيدرآباد تاريخ ١٦ مارچ ١٩٦٣ جي صفح ٨ تي خبر پڙهي ويئي ته "حيدرآباد مان هڪ پوسٽر ڪڍي مشهوري ڪئي ويئي آهي ته "ذوالجناح، تعزيه، علم، سياه پوش ۽ ماتم، خلاف شرع آهي ۽ فرضي حوالا ڏيئي عوام کي ڀڙڪائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي وغيره." مطلب ته اهڙا به پوسٽر هميشه ڇپائيندا رهن. ڪڏهن محرم کان اڳ، ڪڏهن محرم ۾ ۽ ڪڏهن محرم کان پوءِ. هو پنهنجيءَ فطرت کان مجبور آهن ته جيئن ٻين عملن ۾ مسلمانن کي الڳ الڳ ڪري ڇڏيو ويو آهي تيئن باقي جو هي هڪڙو سبب اتحاد جو مسلمانن ۾ باقي وڃي رهيو آهي يعني ماتمداري امام حسين عليه السلام جي ته ان جي ادا ڪرڻ ۾ به مسلمان پاڻ ۾ هڪ ٻئي جي مخالف ٿي وڃن ۽ هڪ جاءِ تي گڏجي وهڻ جو هيءُ آخرين موقعو به مسلمانن جي هٿن مان ويندو رهي.

ڪاش! مسلمان غلط پروپئگنڊائن ۽ تعصب جي شڪار ٿيڻ کان بچي اخوت اسلامي ڏانهن راغب ٿين.

اهڙين حالتن جي مدنظر ته مبادا انهن غلط پروپئگنڊائن جي ڪري اهلبيتن جي محبن تي ڪو برو اثر پوي ۽ مسلمانن کي صحيح حقيقتن کان واقف ڪرڻ جي لاءِ

کن مومنن جي اصرار تي مانمداريءَ جي ثبوت ۾ هڪ ڪتاب سنڌيءَ ۾ قبلہ مولانا محمد بشير صاحب جي اردو ڪتاب "ثبوت عزاء حسين" تان تيار ڪري پيش ڪجي ٿو. جنهن ۾ حوالا سڀ اهل سنت جي ڪتابن جا آهن. ڪتاب جي طول ٿي وڃڻ جي سبب کان عربيءَ ۽ فارسيءَ جون جنسي عبارتون ڇڏيون ويون آهن. از آنسواء عام حضرات بہ اڪثر ڪري عربيءَ ۽ فارسيءَ جو علم نٿا رکن انڪري فقط ترجمي تي اڪتفا ڪيل آهي. ڪتاب اهلبيتن جي مدرسي "انا مدينة العلم و علي بابها" جي حقي علم جي سند يافتہ عالم جي ڪتاب تان تيار ڪيو ويو آهي. فدوي ان جو نالو "مظلوم جو ماتم عرف ثبوت مراسم در حسيني غم" رکيو آهي جو اميد تہ ايماندارن لاءِ ڪار آمد ثابت ٿيندو ۽ سني ۽ شيعہ حضرات ڪي مخالفن جي حملن جي لاءِ سپر جو ڪم ڏيندو.

آخرين گذارش آهي تہ علم سارو ڪوشش سان ترجمون ڪيو ويو آهي تاهم جيڪڏهن ڪا غلطي محسوس ٿئي تہ براہ ڪرم درگذر ٿئي.

ازآنسواء هن پر آشوب زماني ۾ هن ڪتاب جو سڀ ڪنهن ايماندار وٽ هئڻ لازمي آهي. ان ڪري

ڪتاب جي قيمت بلڪل واجبي رکي ويئي آهي- ان لاءِ ته سيڪو سولائي سان خريد ڪري سگهي ۽ قومي ۽ مذهبي درد رکندڙ مخير حضرات به تقسيم جي لاءِ چڱي تعداد ۾ خريد ڪري ثواب جا مستحق ٿين. فقط والسلام

١- اپريل ١٩٦٣ع

فدوي:- آصف علي جمون خان چنو
سابق سيڪريٽري انجمن فيض حسيني
نصرپور ضلع حيدرآباد

امام حسين عليہ السلام جي

# ماتمداريءَ جو ثبوت

از:- قبلہ مولانا محمد بشير صاحب

## امام حسين عليہ السلام جي شهادت جي اهميت

امام حسين عليہ السلام جي شهادت جو واقعو نہ
رڳو اسلام وارن لاءِ پر سڄي دنيا وارن لاءِ هڪ
وڏو ۽ عبرت انگيز واقعو آهي جنهنجو نظير دنيا ۾
ملي نٿو سگهي. اهل سنت جي ڪتابن ۾ سندن
شهادت جا عبرت انگيز واقعا تمام گهڻا لکيل آهن
انهيءَ واقعہ جي اهميت ٻڌائين جناب شاه عبدالعزيز
دهلوي جي ڪتاب سرالشهادتين جي صفحہ ٦ ۽
ڇاپو دهليءَ تان نقل ڪجي ٿو.

جناب شاه عبدالعزيز صاحب فاروقيءَ پنهنجي ڪتاب
۾ هيءُ مطلب ثابت ڪيو آهي تہ حسنين عليهما السلام
جن جي شهادت در حقيقت جناب سردار دوجهان جن
جي شهادت آهي- چنانچہ فرمائي ٿو تہ قدرت جيترا
بہ درجا سيني نبين کي الڳ الڳ فرمايا اهي سيئي
درجا سردار دوجهان جن کي عطا فرمايائين- انه

ٻين درجن ۾ هڪ درجو شهادت جو ٻه آهي جو ٻين نبين کي حاصل ٿيو. شهادت جا ٻه قسم آهن. هڪ شهادت سري (لڪل) ٻي شهادت جهري (کليل). حضورجن کي اهي ٻئي شهادتون نه مليون. انهيءَ لاءِ نه جي پوشيده طور تي شهيد ٿي ويا نه انهيءَ جو اطلاع عام نه ٿي سگهندو ۽ جيڪڏهن جنگ ۾ شهيد ٿيا نه اسلام جي شوڪت ۽ ملڪي انتظام تي اثر پوندو. ان ڪري قدرت انهيءَ شهادت واري درجي کي حضورجن ناهه پهچڻ لاءِ ٻن نائبن امام حسن ۽ امام حسين جن کي تجويز ڪيو ۽ انهن کي حضورجن جي ڪمال جو آئينو بنايو ۽ قرآن ۽ حديث ۾ ٻنهين کي حضورجن جو فرزند دلبند چيو ويو آهي ۽ ٻنهين صاحبزادن تي شهادت جي ٻنهين قسمن کي تقسيم ڪيو ويو. شهادت سري يعني پوشيده شهادت جو درجو امام حسن جي ذريعي ۽ شهادت جهري يعني ظاهري شهادت جو درجو امام حسين جي ذريعي حضورجن کي عنايت ٿيو.

هاڻي مٿي ذڪر ڪيل ڪتاب سر الشهادتين جي صفح ٦ ۽ ٧ واري جي عربي عبارت جو ترجمو پيش ڪجي ٿو:-

(ترجمون) جيئن ته رسول ڪريم جي شهادت
جهڙي حسين جي حصي ۾ آئي هئي ۽ ان جو دارو
مدار عام پڌرائي ۽ اعلان تي هو ان ڪري ڀرپائين
جبرئيل عليه السلام جي معرفت ۽ ٻين فرشتن جي
زبانن تي ان جو ذڪر آيو ۽ پوءِ جاءِ شهادت
مقرر ڪئي ويئي. پوءِ ان جي عام پڌرائي تي ۽
ڪليل ذڪر جناب اميرالمؤمنين جي زباني جنگ
صفين جي وقت ۾ ڪرايو ويو. جڏهين شهادت جو واقعو
تي گذريو تڏهن جا مٽي جناب رسول ڪريم صلعم
جن جناب بيبي ام سلمه کي ڏيئي ويا هوا سا رت تي
ويئي ۽ آسمان مان رت وسيو ۽ غيبي آوازن ڪان
مرثيا پڙا ويا ۽ جنن روج ۽ راڙو ڪيو ۽ پکين ۽
جانورن لاشن تي پهرا ڏنا ۽ قاتلن جي نڪن ۾ نانگ
اندر گهڙي ويا. اهڙي قسم جا پيا ڪيئين اسباب
خدا جي طرف کان پيدا ٿي ويا. هن شهادت جي
واقعي کي انهيءَ لاءِ مشهور ڪيو ويو ته سڀ حاضر ۽
غائب مخلوق کي هن واقعي جي خبر پهچي چڪي
بلڪ انهيءَ لاءِ مشهوري ڪئي ويئي ته هن شهادت
جي واقعي لاءِ هميشه غم ۽ افسوس ٿيندو رهي ۽ هن
دردناڪ مصائب جو ذڪر حضورجن جي امت ۾

قيامت تاءِ ٽمندو رهي. ان لاءِ اها پڌرائي آسمان وارن ۾ - زمين وارن ۾ - غيب وارن ۾ - جنن ۽ انسانن ۾ ۽ هر ناطق ۽ ساڪت (ڳوليندڙ ۽ بي زبان) ۾ ڪئي ويئي.

انهيءَ کان سواءِ اهل سنت جي ٻين ڪتابن ۾ به هن عبرت انگيز واقعي جو ذڪر آهي.

ڪتاب صواعق محرقہ علامہ ابن حجر مڪي جي صفحه ١١٦ ڇاپو مصر ۾ آهي ته:-

(ترجمون عربي عبارت)- جڏهن حسين ابن علي شهيد ٿيو ته آسمان مان رت وٺو ۽ اسان جي گهرن جا برتن به رت سان ڀرجي ويا ۽ امام جي شهادت واري ڏينهن جي نيشانيون ظاهر ٿيون انهن مان هي نيشانيون به آهن ته آسمان تي بلڪل اونداهه ڇانئجي ويئي، ايترو جو ڏينهن جا تارا نظر اچڻ لڳا ۽ جو به پٿر زمين تان کنيو ٿي ويو ته ان جي هيٺان تازو رت ڦوهارو ڏيئي ٿي نڪتو ۽ آسمان جو رنگ پوءِ ڳاڙهو ٿي ويو ۽ سج کي گرهڻ لڳي ويو- جڏهين ڏينهن جو تارا ڏسڻ ۾ آيا ته ماڻهن ائين سمجهيو ته شايد قيامت اچي ويئي آهي ۽ شهادت کان پوءِ ستن ڏينهن تاءِ اها حالت رهي- ڀتين تي رت جون چادرون

ڇاڻايل معلوم ٿي ٿيون ۽ تارا پاڻ ۾ ٽڪرجڻ
۽ ابن جوزيءَ ابن سيرين کان نقل ڪيو
سڄي دنيا ۾ ٽن ڏينهن تائين اونده اندوڪار رهي
وءِ آسمان ۾ ڳاڙهاڻ ظاهر ٿي.

۽ ابوسعيد چوي ٿو ته سڄي دنيا ۾ جو ب
ٿيون ٿي ويو ته ان جي هيٺان تازو رت ٿي نڪ
آسمان مان رت جي بارش ٿي وئي- جن ۾ ڪ
اهو رت ٿي لڳو ته پڇاڙي تائين جيسيتائين ا
ڪپڙا جهونا ٿي ويا ته ۾ اهن تان نه ٿي لٿو.

۽ ثعلبيءَ کان منقول آهي ته حسين جي شها
آسمان رنو- ان جو روئڻ ان جو ڳاڙهو
ڻ هو-

۽ ابن جوزي چوي ٿو ته جيڪڏهن انسان ک
و چڙهي ٿو ته انسان جو منهن غصي جي ڪر
ڙهو ٿي وڃي ٿو ۽ خدا جسم ۽ جسمانيت ک
ڪ آهي ان لاءِ ان پنهنجي غضب ۽ غصي ج
ر هن طرح ڪيو جو آسمان کي ڳاڙهو ڪيائ
لاءِ ته حسين جي عظمت ظاهر ٿئي ته حسين ک
ڪرڻ ڪيڏو نه عظيم گناه آهي.

۽ ڪتاب غنية الطالبين جناب شيخ عبدالقاد

جيلاني بغدادي جي جلد ٢ صفح ٦٢ ڇاپو مصر ۾ آهي ته:-

(ترجمون عربي عبارت) جعفر بن محمد عليه السلام کان منقول آهي ته حسين بن عليءَ جي قبر تي شهادت واري ڏينهن ستر هزار ملائڪ ان لاءِ نازل ٿيا ته قيامت تائين امام حسين ابن عليءَ جي لاءِ روج ۽ راڙو ڪندا رهن.

۽ انهيءَ ڪتاب جي صفحه ٨٠ تي آهي ته:-

(ترجمون عبارت عربي) حمره بن زيارت چوي ٿو ته مون خواب ۾ جناب رسول ڪريم ۽ حضرت ابراهيم خليل الله کي ڏٺو ته ٻئي حسين ابن عليءَ جي قبر تي صلواه پڙهي رهيا آهن.

## ڪربلا جي واقعي کان اڳي جناب رسول الله صلعم جن جي حالت

ڪتاب صواعق محرقه جي صفحه ١١٥ ڇاپو مصر ۾ آهي:-

(ترجمون عربي عبارت) جناب بيبي عائشه کان روايت آهي ته حضور جن فرمايو ته مون کي جبرئيل

ين ... تي مون کان
ٿيوهه ڪربلا جي زمين تي شهيد ڪيو ويندو ۽ مون
ڪي هيءَ ڳاڙهي مٽي به ڏيکاري وئي آهي ۽ هيءَ خبر به
ٻڌائي وئي آهي ته اها زمين حسين جي آرام گاهه ٿيندي
جنابه ام الفضل بنت حارث کان منقول آهي ته حضور
ن فرمايو ته جبرئيل مون وٽ آيو هو ۽ مونکي ٻڌائي
نو آهي ته منهنجي امت منهنجي هن پٽ حسين کي
هيد ڪندي ۽ ڳاڙهي مٽي به ڏيکاري وئي آهي ۽ جنابه
سلمه چوي ٿي ته انهيءَ مٽيءَ مان هڪ مٺ مٽيءَ
حضورجن مون کي به ڏني ۽ فرمايائون ته هيءَ
سين جي شهادت واري جاءِ جي مٽي آهي- اي ام
جڏهن هيءَ مٽي رت ٿي وڃي ته تون سمجهج
منهنجو پٽ شهيد ٿي ويو. ام سلمه چوي ٿي ته مون
مٽيءَ کي هڪ شيشي ۾ بند ڪري پاڻ وٽ رکيو
جنهن ڏينهن حسين شهيد ٿي ويو ته مون ڏٺو ته
مٽي بلڪل رت ٿي وئي هئي.
ڪتاب مشڪوات شريف جي ص ٥٧٢ باب مناقب
ت ۾ جنابه ام الفضل کان روايت آهي ته حسين
ر جن جي جهوليءَ ۾ ويٺو هو ۽ حضور جن روئي
هوا. مون عرض ڪيو ته يا رسول الله منهنجا

ماءُ ۽ پيءُ اوهان تان قربان ٿين ڪهڙيءَ ڳالهه اوهان
کي روئاڙيو آهي. پاڻ فرمايائون ته مون وٽ جبرئيل
آيو هو ۽ مونکي خبر ٻڌائي ويو آهي ته منهن جي
امت منهنجي هن پٽ کي شهيد ڪندي. مون عرض
ڪيو ته هن پٽ کي؟ پاڻ فرمايائون ته ها انهيءَ پٽ
کي ۽ جبرئيل مون کي اوها ڳاڙهي مٽي به ڏئي ويو
آهي جتي هي حسين شهيد ٿيندو.

# ڪربلا جي واقعي کان پوءِ جناب رسول الله صلعم جنجي حالت

ڪتاب مسند احمد بن حنبل جلد ١ جي صفح ٢٨٣
مسند عبدالله بن عباس ۾ آهي ته :-
(ترجمو عربي عبارت) عبدالله بن عباس چوي ٿو
ته مون ٻن پهرن جي وقت خواب ۾ رسول ڪريم کي
هن حالت سان بيٺل ڏٺو ته سندن وار مبارڪ ٽڙيل
پکڙيل ۽ مٽيءَ سان ڀريل آهن. هٿ ۾ هڪ شيشو
اٿن جنهن ۾ رت آهي. مون عرض ڪيو ته يا رسول
الله منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تان قربان ٿين هيءَ ماجرا
ڪهڙي آهي. پاڻ فرمايائون ته حسين ۽ انجي اصحابن
جو رت آهي جو سڄو ڏينهن گڏ ڪندو رهيو آهيان.

پوءِ مون ان ڏينهن جو شمار ڪيو ته اهو سا گيو ڏينهن هو جنهن ڏينهن تي حسين شهيد ڪيو ويو هو.

هيءَ روايت ڪتاب صواعق محرقه جي صفح ١١٦ جي ـــ ٿ پهرينءَ تي به آهي.

۽ مشڪوات شريف جي صفح ٥٧٢ باب مناقب اهلبيت ۾ به موجود آهي.

۽ ترمذي شريف جلد ٢ جي صفح ٢١٨ ابواب المناقب ابو محمد حسن بن علي و حسين بن علي ۾ آهي ته:-

( ترجمو عربي عبارت ) جناب سلمي ام رافع چوي ٿي ته آءٌ بي بي ام سلمه جي گهر ويس ته مون انکي روئندو ڏٺو. پڇيو مانس ته ڪهڙي غم توکي روئاڙيو آهي. فرمايائين ته مون رسول الله کي ڏٺو آهي (ان جو مطلب هو ته خواب ۾ ڏٺو آهي) ته حضور جن جي مٿي ۽ ڏاڙهي مبارڪ تي مٽي پيئي آهي مون پڇيو ته اوهان جو هيءُ حال ڇا کان ٿيو آهي. ٻانهن فرمايائون ته مون هن وقت حسين کي شهيد ٿيندو ڏٺو آهي.

هن حديث کي صواعق محرقه جي صفحه ١١٥ ڇاپو مصر ۾ به لکيو ويو آهي.

۾ مشڪوات شريف جي صفح ٥٧٠ ۾ بہ موجود آهي۔

نوٽ :- ترمذي هن حديث کي غريب لکيو آهي مگر ائين سمجهڻ نہ گهرجي تہ اها حديث صحيح نہ آهي- ڇوتہ محدثن جي اصطلاح ۾ غريب انهيءَ حديث کي چيو وڃي ٿو جنهنجو راوي هڪڙو هجي۔

غريب حديث صحيح حديث جو هڪڙو قسم آهي جيئن شيخ عبد الحق محدث دهلوي جي مقدمہ مصلحات علم الحديث جي صفح ٦ ۾ بہ ذڪر آهي۔ ۽ ڪنهن نا سمجهہ کي اهو شڪ بہ نہ ٿئي تہ اهي خواب جون ڳالهيون آهن ۽ قابل اعتبار نہ آهن- ان لاءِ حضور جن فرمايو آهي تہ :

صحيح بخاري جلد ۴ صفح ٥٦ باب من سمي اسماء الانبيا (ترجمون عربي عبارت)- جنهن شخص مونکي خواب ۾ ڏٺو تہ ان مونکي ئي درحقيقت ڏٺو ڇوتہ شيطان منهنجي صورت ۾ ڪڏهن بہ نٿو اچي سگهي۔

ان کان سواءِ اهلسنت جي ڪتابن ۾ مذڪور آهي تہ بانگ جي طريقي جو بنياد ۽ بانگ جي انهي طريقي جو ثبوت فقط خواب ئي آهي جو ڪن اصحابن ڏٺو هو ۽ انهن روايتن کي ضعيف چيو ويو آهي جن ۾ بانگ جي بابت چاٿايل آهي تہ حضور جنکي اها تعليم

بانگ جي تصوير ڏيکاري وئي ۽ وحي جي معرفت هي حڪم نازل نه ٿيو.

مطلب ته روايتن جي تحقيقات مان هي ثابت آهي ته بانگ جو بنياد فقط خواب ٿي آهي.

منهنجي انهيءَ بيان مان ناظرين کي معلوم ٿي ويو ته ڪربلا جو واقعو هڪ اهڙو واقعو آهي جو دنيا ۾ شهادت جو اهڙو واقعو نه ڪڏهين ڪو ٿيو آهي نه وري ڪو ٿيندو. بيشڪ پيا به ڪيترائي مسلمان شهيد ٿيا آهن - خود حسين جو والد بزرگوار حضرت علي شهيد ٿيو - امام حسن به شهيد ٿيو. مگر ڪنهن به امام يا نبيءَ جي اهڙي شهادت نه ٿي جنهن لاءِ آسمان مان رت وٺو هجي، سج کي گرهڻ لڳي ويو هجي، ڏينهن جو تارا نظر آيا هجن، زمين مان رت ايريو هجي يا خداوند عالم جبرئيل کي حڪم ڏنو هجي ته شهادت واري جاءِ جي ڪاڙهي مٽي کڻي وڃي نبي ڪريم جي خدمت ۾ پيش ڪري انهيءَ واقعي جي خبر ڏئي. اهو امام حسن لاءِ ٿيو فقط امام حسين لاءِ ۽ واقعي ڪان اڳ ۾ ٿي خدا تعاليٰ خود حسيني يادگار جو بنياد رکيو جو ته ڪربلا جي مٽيءَ جو رنگ قدرتي ڳاڙهو نه آهي مگر حديثن مان معلوم ٿيو

کي ڏسي رنا آهن ۽ پوءِ ان کي بيبي ام سلمه جي حوالي کري ويا آهن.

هاڻي ته مسلمانن کي خدا ۽ ان جي رسول جي اتباع ۾ حسيني يادگار بنائڻ گهرجي ۽ قرآن جي آيت فاتبعوني تي عمل کرڻ گهرجي.

# ثبوت جواز تعزيه و ذوالجناح - ضريح ۽ جهنڊا وغيره

خداوند کريم جو حڪم قرآن مجيد جي سيپاري ٢٥ سوره شوريٰ رڪوع ٣ ۾ آهي ته:- قل لا اسئلکم عليه اجرا الا لمودة في القربیٰ - يعني چئو (اي رسول) ته تبليغ جو عيوضو اوهان کان ٻيو کوبه ڪونه ٿو گهران فقط منهنجن قرابت وارن سان محبت رکو.

انهي آيت شريف جو تفسير ڪتابن ۾ هيٺئين موجب آهي:-

ڪتاب تفسير ڪشاف جلد ٣ صفحه ٣٣٩ ڇاپو مصر ۾ آهي ته:-

انها لما نزلت قيل يا رسول الله من قرابتک هولاء الذين وجبت علينا مودتهم قال علي و فاطمه و ابنائهم -

(ترجمون) جڏهن هيءَ آيت نازل ٿي ته حضور

جن کان پڇيو ويو ته اوهان جا اهي قرابت وارا ڪير
آهن جن جي محبت اسان تي فرض ڪئي ويئي آهي.
پاڻ فرمايائون ته اهي علي، فاطمه، حسن ۽ حسين آهن.

۽ ڪتاب در منثور جلد ٦ صفح ٧ ڇاپو مصر ۾
ابو ديلم کان روايت آهي ته جڏهن امام زين العابدين
عليه السلام کي قيدي ڪري دمشق ۾ آندو ويو ته
اتي هڪ ماڻهوءَ سندن اسيريءَ تي خوشيءَ جو اظهار
ڪيو، ان تي ان شخص کي فرمايائون ته تو قرآن ۾
آيت قل لا اسئلکم عليه اجرا الا المودة في القربيٰ کي نه
پڙهيو آهي، انتي ان پڇيو ته ڇا! انهيءَ جا مصداق
اوهان آهيو- پاڻ فرمايائون ته بيشڪ- انهيءَ آيت ۾
قربيٰ جي مراد وارا اسان ئي آهيون.

اها روايت ڪتاب صواعق محرقه جي صفح ١٣٦
تي به طبرانيءَ کان نقل ڪئي ويئي آهي ۽ ساڳئي
صفح تي دولابيءَ کان منقول آهي ته امام حسين عليه
السلام جن به پنهنجي خطبي ۾ فرمايو ته آيت مودت
اسان جي لاءِ نازل ٿي آهي ۽ اسان جي محبت مسلمانن
تي فرض ڪئي ويئي آهي.

ڪتاب تفسير ڪبير جلد ستون صفح ٣٨٩ ۾ ابن
عباس کان روايت آهي ته مديني جي انصارن پاڻ ۾

مشورو ڪري ڪجهه مال حضور جن جي خدمت اقدس ۾ پيش ڪيو ۽ عرض ڪيو ته حضور جن تبليغ ۽ هدايت ڪرڻ ۾ گهڻيون تڪليفون ڪيون آهن ان لاءِ هي مال قبول فرمائين. پاڻ وٽن ڪان انڪار ڪيائون ان وقت هيءَ مودت واري آيت نازل ٿي ۽ حضور جن سڀني مسلمانن کي پنهنجن قريبن جي محبت جو حڪم ڏنو.

ڪتاب لباب التاويل جلد ٦ صفحه ١٠٣ ۾ سعيد بن جبير اصحاب ڪان منقول آهي ته مودت واري آيت ۾ قربيٰ ڪان مراد حضور جن جا قرابتدار آهن - ۽ پڻ انهيءَ ساڳئي صفحه تي عبد الله بن عمر ڪان منقول آهي ته حضرت ابوبڪر فرمايو ته حضور جن جو حق ادا ڪرڻ جو فقط اهوئي طريقو آهي ته حضور جنجي اهلبيتن سان محبت رکو.

انهن حديثن ۽ روايتن کي مد نظر رکي اهلسنت جي چوٿين امام شافعي رحمت الله عليه اهلبيتن جي شان ۾ هيٺيون شعر نظم فرمايو آهي جنهنکي علامه ابن حجر مڪي پنهنجي ڪتاب صواعق محرقه جي صفحه ٨٨ ڇاپو مصر ۾ نقل ڪيو آهي :-

يـا اهلبيت رسول الـلـه حبكم
فرض من الله في الـقـرآن انـزله
كفا كم من عظيم الـقـدر انـكـم
من لم يصل عليكم لا صلوات له

(ترجمون) اي رسول جا اهلبيت - اوهانجي محبت خدا جي طرف کان سيني مسلمانن تي فرض ڪئي ويئي آهي ۽ قرآن پاڪ ۾ الله پاڪ اهو حڪم نازل فرمايو آهي ۽ توهانجي بزرگي ۽ عصمت جـو هيءُ ڪافي ثبوت آهي ته جو به توهان تي درود شريف نه پڙهي ته ان جي نماز، نماز ئي نه آهي.

جڏهن اهلبيتن جي محبت مسلمانن تي از روءِ قرآن فرض آهي ته پوءِ ماتمداري اطاعت ۽ عبادت ۾ ٿيندي ڇو نه ماتمداري اهلبيتن جـي ئي محبت جي ڪري ڪئي وڃي ٿي. جنهن ۾ تڪليفون به برداشت ڪيون ٿيون وڃن ۽ زر ۽ مال به خرچ ڪيو ٿو وڃي - ۽ جيئن ته اهلبيتن جي محبت فرض ۽ خدا جي اطاعت آهي ان لاءِ ماتمداري ڪرڻ خدا جي حڪم جي تعميل ۽ قرآن جي آيت موجب عمل آهي ۽ ماتمداريءَ جا جيترا به نشان علم، تعزيو ۽ ذوالجناح وغيره سڀ شعائر الله آهن ڇو ته انهن جي ذريعي سان اهلبيتن

جي محبت جو اظهار ٿئي ٿو ۽ جنهن شي جي ذريعي خدا جي اطاعت جو اظهار ٿئي ان کي شعائر الله چيو وڃي ٿو- جهڙي طرح قرآن مجيد ۾ قربانيءَ جي اٺن کي به شعائر الله ۾ داخل ڪيو ويو آهي. ڇو ته انهيءَ مان خدا جي اطاعت جو اظهار ٿئي ٿو. (سيپارو ١٧ رڪوع ١٢ سوره حج)

۽ صفا ۽ مروه ٻن ٽڪرين کي به شعائر الله ۾ داخل ڪرڻ فرمايو آهي (سيپارو ٢ رڪوع ٢ سوره بقر) خدا انهن ٻنهي ٽڪرين جو طواف به حاجن لاءِ واجب فرمايو آهي. ۽ جيڪي به شيون شعائر الله ۾ داخل آهن انهن جي تعظيم ۽ عزت ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي. سيپارو ٦ رڪوع ٥ سوره مائده ۾ آهي:-

(ترجمون) اي ايمان وارا شعائر الله جي بي عزتي نه ڪريو.

وري ٻئي هنڌ سيپاري ١٥ رڪوع ١١ سوره حج ۾ ارشاد آهي ته:-

(ترجمون) جو به شخص شعائر الله جي تعظيم ڪندو ته ان جي قلب جي تقويٰ جو نتيجو هوندو.

قرآن مجيد جي انهن آيتن مان ثابت ٿيو ته جن به شين مان خدا جي اطاعت ۽ عبادت جو اظهار ٿئي

اهي شعائر الله آهن - خواه اهي ساهه وارن هجن جهڙيءَ طرح آءٌ جن کي قربانيءَ جي لاءِ منيٰ ۾ وٺيو ويندا آهن، خواه بي جان جهڙيءَ طرح صفا ۽ مروه ۾ ڏنکريون جن جو طواف ڪيو وڃي ٿو ۽ هي بہ ثابت ٿي ويو تہ جي بہ شيون شعائر الله آهن انهنجي بي عزتي ڪرڻ حرام ۽ ناجائز آهي خواه زبان سان بي عزتي ڪئي وڃي يا تحرير سان.

الغرض تہ جهڙي بہ نموني سان شعائر الله جي بي عزتي ڪئي ويندي تہ ان لاءِ گناه ڪبيرو ٿيندو. ان ڪري تعزيہ ۽ ذوالجناح وغيره جي تعظيم ڪرڻ فرض آهي ڇوتہ اهي شعائر الله ۾ داخل آهن. انهنجي محبت ڪرڻ اهلبيتن جي محبت جو اظهار آهي ۽ اهلبيتن جي محبت ڪرڻ قرآن جي حڪم موجب فرض آهي ۽ انهيءَ حڪم موجب عمل ڪرڻ يعني محبت رکڻ خدا جي اطاعت آهي - و کل ما دل علیٰ طاعة الله فهو من شعائر الله - يعني جا بہ شئي خدا جي اطاعت تي دلالت ڪري اها شعائر الله مان آهي. جيئن امام فخر الدين رازي پنهنجي ڪتاب تفسير ڪبير جلد ٢ جي صفح ٤٣ تي زير آيت ان الصفا والمروه من شعائر الله جي تحرير فرمايو آهي تہ :-

(ترجمون عربي عبارت) شعائر الله خدا جي اطاعت جي نيشانين کي چون ٿا ۽ جا بہ شيءِ خدا جي نشاني بنائي وڃي تہ اها بہ شعائر الله ۾ داخل ٿيندي- انڪري جيتريون بہ نيشانيو ن اهلبيتن جي محبت تي دلالت ڪنديون تہ اهي شعائر الله هونديون خواه ساهہ واريون هجن جهڙو ذوالجناح خواه بي جان هجن جهڙو تعزيہ علم وغيره ۽ انهنجي تعظيم فرض ۽ توهين ڪرڻ حرام ۽ گناه ڪبيرو ٿيندو. ۽ تعزيہ وغيره کي بت پرستيءَ يا بدعت سان مشابهت ڏيڻ بہ ناجائز آهي چونتہ قرآن مجيد ۽ حضور جنجي حديثن ۾ ڪٿي بہ ان کي بدعت يا حرام نہ چيو ويو آهي- انڪري جائز ۽ مباح آهي ۽ پوءِ اسين ڪيئن ان کي حرام چئي سگهنداسون. هي مسلم قاعدو آهي تہ جنهن بہ شيءِ جي ممانعت قرآن ۽ حديث سان ثابت نہ هجي تہ اها جائز ۽ مباح آهي مگر جيڪڏهن ائين چيو وڃي تہ جن دليلن سان تصوير بنائڻ حرام آهي انهن ساڳين دليلن سان تعزيہ ٺاهڻ بہ حرام آهي چونتہ تعزيہ مجسم تصوير آهي تہ ان جو جواب هيءُ آهي تہ ذي روح يعني ساهہ واريءَ شيءِ جي تصوير ٺاهڻ حرام آهي مگر تعزيہ ڪنهن ساهہ واري جي مجسم تصوير نہ آهي انڪري تعزيہ ٺاهڻ

حرام ٿي نٿو سگهي. حالانڪ اهلسنت جي معتبر ڪتابن ۾ اهڙيون روايتون به موجود آهن جن مان ساهه واري جي مجسم تصوير ناهڻ به ثابت ٿئي ٿو.

صحيح بخاري جلد ٤ ڪتاب الادب الانبساط الي الناس جي صفح ٤٩ ڇاپو مصر ۾ آهي:-

(ترجمون عربي عبارت) حضرت ام المومنين عائشه فرمائي ٿي ته آءٌ رسول الله جن وٽ گڏين جي راند ڪندي هيس ۽ منهنجون سهيليون به مون سان گڏ راند ڪنديون هيون. جڏهين رسول الله جن تشريف فرما ٿيندا هوا ته ڪين ڏمي اهي شرمائينديون هيون- پاڻ انهنکي مون ڏانهن موڪلي ڏيندو هو ۽ پوءِ وري هو گڏ راند ڪنديون هيون.

اها حديث صحيح مسلم جلد ٢ جي صفح ٢٨٥ ۽ مشڪوات شريف جي صفح ٢٨٠ ڪتاب النڪاح باب عشرت النساء ۾ به آهي.

۽ مشڪوات شريف جي انهيءَ باب ۾ صفح ٢٨٢ تي هي حديث به مرقوم آهي جنهنکي جامع الاصول به سنن ابو دائود کان هن طرح نقل ڪيو آهي ته:-

(ترجمون عربي عبارت) جناب رسول الله جن جنگ تبوڪ يا جنگ حنين کان واپس آيا ۽ گهر ۾ داخل

ٿيا- جناب عائشہ جي گھر ۾ هڪ پردو لٽڪيل ڏٺائون. اوچتو هوا لڳي ۽ پردو هٽيو تہ حضور جن جي نظر وڃي بيبي عائشہ جي گڏين تي پيئي. پاڻ پڇيائون تہ اي عائشہ هي ڇا آهي. بيبي عائشہ چوي ٿي تہ مون جواب ڏنو تہ اهي منهنجون گڏيون آهن- انهن گڏين جي وچ ۾ هڪ گھوڙو بہ هو جنهن کي ٻہ پر بہ لڳل هوا. پاڻ فرمايائون تہ اهو وچ ۾ ڇا آهي جو آئون ڏسي رهيو آهيان. مون جواب ڏنو تہ گھوڙو آهي- پاڻ فرمايائون تہ گھوڙي تي هي ڇا لڳا پيا آهن. مون عرض ڪيو تہ اهي انهيءَ جا پر آهن. پاڻ فرمايائون تہ ڪڏهين گھوڙي جا پر بہ ٿيندا آهن. مون عرض ڪيو تہ ڇا اوهان نہ ٻڌو آهي تہ حضرت سليمان پيغمبر جي گھوڙن کي پر هوندا هئا. اهو ٻڌي حضور جن کلي پيا ايترو کليا جو مون حضور جنجا ڏند مبارڪ ڏٺا.

اهو واقعو جنگ تبوڪ يا جنگ حنين کان واپسيءَ جو آهي ۽ جنگ تبوڪ سنہ ٨ هہ ۾ ۽ جنگ حنين سنہ ٩ هہ ۾ ٿي آهي. انوقت بيبي عائشہ جي عمر سورهن يا سترهن سال هئي- جيئن تاريخ ابو الفدا جلد ١ جي صفحي ١٢٧ ۾ ڇاپيو مصر ۾ آهي :-

(ترجمون عربي عبارت) حضور جن بيبي خديجہ

ي جي وفات کان پوءِ ۽ هجرت کان اڳي بيبي
عائشه سان نڪاح ڪيو ۽ بيبي صاحبه کي رخصت
(مائٽن مان) هجرت کان اٺ مهينا پوءِ ٿي هئي. رخصت
جي وقت بيبي صاحبه جي عمر نون سالن جي هئي.
انهيءَ حساب سان معلوم ٿيو ته حضور جن جي وفات
وقت بيبي عائشه ارڙهن سالن جي هئي ۽ حضور جنجي
وفات ١١ هجري ۾ ٿي آهي. جڏهن ١١ ھ ۾ ارڙهن
سالن جي هئي ته ٨ ھ ۾ سورهن سالن جي ۽ ٩ ھ ۾
سترهن سالن جي ٿيندي. سورهن ۽ سترهن سالن جي
عورت جوان ۽ بالغ ٿئي ٿي ۽ مرد بالغ وانگر هنتي
ءِ شريعت جا سڀئي احڪام لاڳو ٿين ٿا. پر جيڪڏهن
ها عورت عام عورت نه هجي ۽ اصحاب ۽ رسول الله
ي عورتن مان هجي ته ان کان وڌيڪ ٻيو ڪير شريعت
ب احڪامن مان واقف هوندو.

ازآنسواءِ اها پر دار گهوڙي ۽ ڪڏڻ واري حديث
اب فتح الباري شرح صحيح بخاري جلد ٥ جي صفح
۾ به موجود آهي.

نهيءَ حديث جي روشنيءَ ۾ بلڪل ظاهر ٿي ويو
واري جي تصوير مجسم به جائز آهي- هاڻي ته
هي جائز هئي ۾ ڪو شڪ رهي ٿو ۽ نه وري

ذوالجناح جي ناهن ۾ ڪو شبهو ڪونه رهي ٿو. ذوالجناح ته گهوڙي جي مجسم تصوير نه آهي پر خدا جو پيدا ڪيل جانور جنهن تي فقط زين وغيره رکي امام مظلوم جي ذوالجناح جي تصوير بڻائين ٿا.

هاڻي هتي خيال آيو آهي ته قرآن مجيد مان حضرت سليمان جي زماني جي مجسم تصويرن جو به ذڪر ڪجي ڇوته بيبي عائشه حضور جن کي پردار گهوڙي جي جواب ۾ حضرت سليمان پيغمبر جي گهوڙي جو ذڪر ٻڌايو هو.

خداوند عالم سوره سبا سيپاره ٢٢ رڪوع ٨ ۾ فرمائي ٿو ته:- يعملون له ما يشاء من محاريب و تماثيل و جفان كالجواب و قدور راسيات ٥

(ترجمون) حضرت سليمان جو جيڪي به چاهيندو هو ته هن جي لاءِ جن ٺاهيندا رهندا هوا وڏيون وڏيون اوچيون عمارتون ۽ مورتون ۽ وڏا وڏا حوض جهڙوڪ ڪڙها ۽ هڪ جاءِ تي رهڻ واريون وڏيون وڏيون ديگيون.

هاڻي اهلسنت جي ڪتاب مان تماثيل جو مطلب به پيش ڪجي ٿو.

ڪتاب تفسير در منثور جلد ٥ جي صفحه ٢٢٨ ۾ آهي ته:-

( ترجمون عربي عبارت ) ...
جي باري ۾ عطيہ کان نقل ڪيو آھي تہ محاريب
مراد محلات آھن ۽ تماثيل مان مراد مورتون
ابن جرير ۽ ابن شيبہ ۽ ابن منذر، ضحاڪ ک
ڪيو آھي تہ محاريب مان مراد مسجدون آھن ۽
مان مراد مورتون آھن. ابن عباس کان منقول
حضرت سليمان ٽامي جي ذات مان مورتون بنايو

ڪتاب لباب التاويل جلد ٥ جي صفح ٢٢٤
آھي تہ :- (و تماثيل) .
(ترجمون عربي عبارت) حضرت سليمان ج
ھن جي لاءِ ھن جي حڪم مان ٽامي، سنگ
شيشي جون مورتون تيار ڪندي ھئي. ڪن
آھي تہ اھي مورتون جانورن ۽ پکين جون
ھيون. ڪن جو چوڻ آھي تہ اھي مورتون
نبين ۽ نيڪ ماڻھن جون ھونديون ھيون ۽
انھيءَ لاءِ بنايون وينديون ھيون تہ انھن
ماڻھو خدا جي عبادت گھٽي ڪن.

ڪتاب تفسير ڪشاف جلد ٢ جي صفح
مصر ۾ آھي تہ :- (ترجمون عربي عبارت)
مراد ملائڪن، نبين ۽ نيڪ ماڻھن جون

۽ اهي مورتون سجدن ۾ ٽامي، پتل، شيشي ۽ سنگمرمر مان ٺاهيون وينديون هيون انهيءَ لاءِ تہ ماڻهو انهن کي ڏسي ۽ انهن وانگر عبادت ڪن.

انهن تفسيرن مان معلوم ٿيو تہ حضرت سليمان جي زماني ۾ مجسم مورتون بڻايون وينديون هيون ۽ انهن مورتن کان مطلب اهو هو تہ ماڻهو گهڻي عبادت ڪن. ام المومنين بيبي عائشہ بہ انهن ٿي تصويرن جو ذڪر حضور جن سان ڪيو هو. حضور جن ان کي ڪابہ منع نہ ڪئي ۽ نہ وري اٺين بہ فرمايو تہ اهي مجسم تصويرون حضرت سليمان پيغمبر جي شريعت ۾ بڻائڻ جائز هيون مگر منهنجيءَ شريعت ۾ بڻائڻ جائز نہ آهي. جيڪڏهن حضور جن جي شريعت ۾ تصويرون ٺاهڻ ناجائز هجي ها تہ نہ بيبي عائشہ ٿي اهڙي حرام فعل ڪرڻ جي جرئت ڪري ها ۽ نہ وري حضور جن اهو حرام فعل ڏسي صبر ڪن ها.

هاڻي معلوم ٿيو تہ اهلسنت جي معتبر ڪتابن جي روشنيءَ ۾ مجسم تصويرون ٺاهڻ جائز آهي ۽ اهلسنت جي ڪن عالمن سان واري جي تصوير کي حرام ڄاتو آهي. اهي فقط جاهليت واري زماني ۾ حرام ڄاڻن ٿا ۽ موجوده زماني ۾ حرام نٿا ڄاڻن.

بيش علامه ابن حجر مڪيءَ ڪتاب فتح الباري
شرح صحيح بخاري ۾ لکيو آهي:

(ترجمون عربي عبارت) اما حديث جنهن ۾ مجسم
تصوير بنائڻ جي متعلق ذڪر آهي ته قيامت ۾ انهيءَ
تصوير ٺاهڻ واري کي چيو ويندو ته هن ۾ روح وجهه۔
يءَ حديث ۾ تصوير جي تحرير جو دليل آهي ۽
ن عالمن ان سزا کي جا تصوير ڪشيءَ جي متعلق
ر ڪٿي وئي آهي ان کي انهيءَ وقت جي لاءِ
وص ڪيو آهي جڏهن زمانو بت پرستيءَ ۽
ت جي عهد کي ويجهو هو مگر هاڻي ڪابه
ت نه آهي.

ڪم از ڪم هن ڳالهه تي نه سڀني مسلمانن جو
آهي ته بنا ساهه واري جي مجسم تصوير بنائڻ
هي جيئن مشڪوات شريف جي صفح ٣٨٦
لباس باب التصاوير ۾ آهي.

ون عربي عبارت۔ ابن عباس چوي ٿو ته
ڪڏهن تصوير ٺاهڻ چاهيو ٿا ۽ ضروري ٺاهڻ
ته وڻ جي تصوير ٺاهيو ۽ انهن شين جي
۾ روح نه هجي۔ اما حديث متفق عليه آهي.

منهنجي هن مفصل بيان مان ظاهر ٿي ويو ته تعزيو ناهي جائز آهي ڇو ته بنا ساه واري جي تصوير آهي- جيڪڏهن ساهه واري جي تصوير به هجي ته اها به اهلسنت جي معتبر ڪتابن جي روشنيءَ ۾ جائز آهي-

اهلسنت جي ڪتاب دلائل الخيرات جي ٽائيٽل پيج تي حضور جن جي روضي ۽ قبر مطهر جي تصوير ۽ خليفن جي قبرن جون تصويرون موجود آهن ۽ هيءَ عبارت عربيءَ ۾ لکيل آهي ته- هي نقل آهي انهيءَ روضي مبارڪ جو جنهن ۾ رسول ڪريم ۽ ان جا ٻه ساٿي ابوبڪر رضه ۽ عمر رضه مدفون آهن.

هاڻي مٿي ثابت ٿي چڪو آهي ته تعزيه ۽ ضريح نه ته بدعت آهن ۽ نه وري ڪو شرڪ- ڇو ته اهي سڀئي شيون غير جاندار جـــون تصويرون آهن- غير جاندار توڙي جاندار جون تصويرون ناهي اهل سنت جي ڪتابن مان ثابت ٿي چڪو آهي-

ذوالجناح ۾ به ڪاٺ تصوير ڪاٺ تي ٺهائي وڃي مگر اهو گهوڙو جو خدا جو پيدا ڪيل آهي ان تي فقط زين (هنو) ۽ چادرون وغيره وڌيون ٿيون وڃن- جنهن مان حضور جن جي فرزند جي وفادار گهوڙي جي شبيه مقصود آهي. انهيءَ لاءِ ته ڪربلا جو خوني

منظر اکين اڳيان اهي وڃي ۽ گهوڙي جي وفاداريءَ
جو به ذکر ڪي وڃي. ائين ڪرڻ ۾ ڪو به عيب نه
آهي. ڇو ته الله سائين به قرآن ڪريم ۾ اصحاب ڪهف
جي ڪتي جو ذکر ان جي وفاداريءَ جي سبب
ڪيو آهي ۽ ان جي ياد قيامت تائين قائم ڪري
ڇڏي آهي. جيسين تائين قرآن ڪريم موجود آهي
تيسين تائين اصحاب ڪهف جي ڪتي جو تذڪرو به
موجود هوندو. انهيءَ کان سواءِ هن کان اڳي اسان لکيو
آهي ته بيبي عائشه پردار گهوڙو بنايو ۽ عربيءَ ۾
پردار کي ذوالجناح چئجي ٿو ته ڄڻبو ته بيبي عائشه
خود مجسم ذوالجناح بنائي ان جو جائز هئڻ ثابت
ڪري ويئي. مگر اسين ته مجسم نٿا بنايون فقط
گهوڙي تي زين وغيره رکي شبيه ٿا ٺاهيون.

جهنڊو (علم) کڻڻ به اسلام جو شان آهي
حضور جن جي زماني ۾ به جهنڊا کنيا ويا. جهنڊا
کڻڻ جي لاءِ اصحابن ۾ بي تابيون پئدا ٿيون. خود
حضورجن خيبر ۾ جهنڊو کنيو ۽ هي ارشاد فرمايو
ته سڀاڻي هيءُ جهنڊو انهيءَ کي ڏيندس جو ڪرار
(ڄمي بيهندڙ) ۽ غير فرار (نه ڀڄندڙ) هوندو ۽ خدا
۽ ان جي رسول جو محب ۽ محبوب هوندو. خدا

انهيءَ جي هٿن ني فتح ڏيندو. (تاريخ ڪامل ابن اثير جلد ٢ صفحه ٩١ ۽ تاريخ ابوالفدا جلد ١ صفحه ١٤٠ - مصر).

حضور جن جو اهو ارشاد ٻڌي اصحابن سڄي رات بي تابيءَ ۾ پاسا ورائيندي گذاري ۽ هرهڪ کي هي شوق ۽ تمنا دامنگير هئي ته جهنڊو ملي وڃي. (صحيح بخاري جلد ٣ صفحه ٣٤ ڪتاب المغازي باب غزوه خيبر).

جا انهيءَ واقعي کان پوءِ به ڪو چئي سگهي ٿو ته جهنڊو ڪنهن بدعت آهي.

اڄ ڪله ته جهنڊي جو ڪوبه اعتراض نه رهيو آهي - جيئن ته ڪٿي حزب الله وارا جهنڊا کنيو پيا هلن ته ڪٿي خاڪسار - ڪٿي انصارالمسلمين وارا کنيو پيا هلن ته ڪٿي خدائي فوج وارا. مطلب ته انهن خود جهنڊا کڻي پنهنجي اعتراض کي رد ڪري ڇڏيو آهي -

نصب نيل جهنڊا به نه حسيني سرڪار ڏانهن منصوب آهن - اهو به اسلام جو شان آهي - حضورجن جي حديث آهي - "حسين مني و انا من الحسين" يعني حسين مون مان آهي ۽ آءٌ حسين مان آهيان - بس ساڳي ڳالهه آهي - اهي جهنڊا به ته خاندان رسالت

جا محب نسب ڪن تا جن جي محبت قرآن پاڪ
جي روءِ موجب مسلمانن تي فرض ٿي چڪي آهي ۽
محبت جي سبب ان تي خرچ ڪري ڪهڙو به سهڻو
سينگارين ته جائز ٿيندو ۽ ڳـذريل ثابتين موجب آءٌ
ته ائين به چوندس ته اهي به شعائر الله مان ٿي سگهن
ٿا ۽ نسبت جي ڪري انهنجي تعظيم ڪرڻ واجب
ٿئي ٿي. سڀ ڪنهن ملڪ جي گورنمينٽ ڪي پنهنجو
پنهنجو جهنڊو آهي جي خاص خاص جاين تي نسب
ٿيل آهن جن جي رعايا تعظيم ڪري ٿي. رکو ڪنهن
سنيما هائوس جي پردي تي گورنمينٽ جي جهنڊي جي
فقط تصوير ڏيکاري ٿي وڃي ته ان جي رعايا بي ساخته
اٿي بيهي تعظيم ٿي ڪري ته ڇا حضور جن جي فرزند
ڏانهن منسوب ٿيل جهنڊي جي تعظيم ڪرڻ واجب
نه ٿيندي؟ فدوي.

مٿين بيانن مان ماتمداريءَ جي سڀني رسمن جو
جائز هئڻ ثابت آهي مگر خيال آهي ته هر هڪ رسم
جو جائز هئڻ الڳ الڳ لکي پيش ڪيو وڃي ته
مسلمان گمراه ڪن پروپئگنڊائن کان محفوظ رهن ۽ يادگار
حسينيءَ جي برڪتن کان محروم نه رهجي وڃن.

# ثبوت جواز تعزيہ، ضريح ۽ علم وغيرہ جي تعظيم ڪرڻ ۽ انهن کي چمڻ

تعزيہ، ضريح ۽ علم وغيرہ جي تعظيم ڪرڻ ۽ انهن کي چمڻ جائز آهي ۽ ان ۾ ڪابہ بدعت ۽ شرڪ نہ آهي ڇو تہ تعزيہ ۽ ضريح حضور جن جي فرزند جي محترم ۽ بزرگ روضي جي شبيہہ آهي ۽ ان ڏانهن منسوب آهي. ڪابہ شيءِ ڪنهن بہ بزرگ جي طرف منسوب ٿي وڃي تہ اها عزت ۽ احترام جي قابل ٿي وڃي ٿي- جيئن تہ ڪپڙو جيسين تائين بجاجيءَ جي دوڪان ني آهي تہ ان جي ڪابہ تعظيم نہ آهي- جي ڪڏهن پيرن جي هيٺان بہ اچي ويو تہ ڪنهن بہ ڪو اعتراض نہ ڪيو مگر جڏهن دوڪان کان جدا ٿي ڪنهن شريف ماڻهوءَ جي مٿي جو دستار بڻيو تہ پوءِ ان ماڻهوءَ جي نسبت جي ڪري عزت جي قابل ٿيو. هاڻي ان کي ڪوبہ ماڻهو پيرن جي هيٺان دٻائي نٿو سگهي.

اهڙيءَ طرح قرآن شريف جي غلاف جو ڪپڙو- جيسين تائين بجاجيءَ جي دوڪان ني هو تيسين تائين

تعظيم جي لائق نه هو ۽ جڏهن قرآن شريف جو غلاف
ٿيو ته انکي چميو به ويو ۽ ان جي تعظيم به ٿيڻ لڳي
۽ سر تي به رکجڻ لڳو.

(ازآنسواءِ هاڻي تازو جڏهن پاڪستان ۾ ڪعبة الل
شريف جو غلاف تيار ٿيو تڏهن سڄي پاڪستان ۾ هزار
بلڪ لکن مسلمانن ان جي زيارت شوق ۽ بي چيني
سان ڪئي ۽ پنهنجي عقيدت جا ڦول چڙهايا ۽ چمي
۽ تعظيم ڪئي. اهو ڪپڙو به جيسيتائين بجاجين ج
دوڪانن تي هو تيسين تائين ان جي عزت ڪانه هئي
پر جڏهن خريد ٿي سڄي تيار ٿيو ۽ ڪعبة الله شري
ڏانهن منسوب ٿيو ته ان جو احترام ۽ تعظيم ٿيڻ لڳي
جيتوڻيڪ اڃان ڪعبة الله شريف جي مٿان چڙهيو
ڪونه هو فقط ڪعبة الله شريف ڏانهن منسوب ٿي
ته زيارت ۽ چمڻ جي لائق ٿيو. فدوي.

اهڙي دستور خود قرآن ڪريم جو ڪاغذ- جيس
تائين فقط ڪاغذ هو ته ان جي ڪابه تعظيم نه هئي
جڏهن ان تي آيتون تحرير ٿي ويون يعني انهيءَ قر
جو نقل لکيو ويو جو حضور جن تي نازل ٿيو هو
پوءِ چمڻ ۽ تعظيم جو لائق ٿيو. ازآنسواءِ هن و
وارو ڪاغذ ۽ مس حضور جن جي زماني ۾ هرگز

هـوا ۽ موجوده قرآن انهي منزل من الله قرآن جـو نقل آهي جو حضور جنتي نازل ٿيو هو ۽ تعظيم جي قابل آهي. اهڙي طرح تعزيہ بہ ڪاغذ وغيره مان تيار ڪيو ٿو وڃي. مگر جڏهن خاص شڪل ۾ اهي حضور جن جي فرزند جن جي روضي جي شبيهہ ۽ نقل بڻيو تہ عزت جي قابل ٿي ويو. قرآن بہ ڪاغذ تہ تعزيہ بہ ڪاغذ. هڪڙو انهيءَ قرآن ڏانهن منسوب جو حضور جن تي نازل ٿيو ۽ ٻيو اهلبيت جي طرف منسوب.

حضور جن سچ فرمايو هو تہ آڏون بہ شيون ڇڏي ٿـو وڃان. هڪڙو قـرآن ۽ ٻيو اهلبيت ۽ اهي ٻئي هڪ ٻئي کان جدا نہ ٿيندا جيسين تاءِ ڪہ حوض ڪوثر تي نـہ پهچن. هائي اهلبيت جـي طرف جيڪا شيءِ منسوب آهي تعزيہ جيڪڏهن اڄ ڪلهہ ڪو اعتراض ٿئي ٿو جيئن اسين ڏسي رهيا آهيون تـہ ڪاغذ آهي تہ قرآن ڪريم بہ اعتراض ڪندو تہ آءُ بہ تہ ڪاغذ آهيان پوءِ منهنجي ڇوٿا تعظيم ڪريو.

از آنسواء اهلسنت جي معتبر ڪتاب شواهد الحق محشي با ساليب بديعہ جي صفح ۵۵ ۽ ۵۶ تي آهي:-

(ترجمون عربي عبارت) نبين جي ضريح ۽ چوکٽ کي چمڻ بالا ختلاف جائز آهي بلڪ برڪت جو باعث

آهي ... ڪئي ... ضرور ... آهي ... سوال ڪيو

يو ته اوليائن جي ڇو ڪتن کي چمڻ جائز آهي يا نه

ن جو جواب جو شمس سوبريءَ ڏنو ان جو مطلب

ي آهي ته اوليائن جون ڪرامتون بلڪل درست

ابت آهن مرڻ کان پوءِ به انهن جا تصرفات باقي رهن

. خدا تاءِ پهچڻ لاءِ انهن کي وسيلو بنائڻ جائز آهي

نبين، مرسلن، عالمائن ۽ صالحن کان سندن مري وڃڻ

ڪان پوءِ به مدد گهرڻ درست آهي.

امام احمد بن حنبل پنهنجي پيءُ کان سوال ڪيو

ه هڪڙو ماڻهو حضور جنجي ممبر ۽ قبر مطهر کي

س ڪري ٿو ۽ چمي ٿو ۽ انکي برڪت جو

عث سمجهي ٿو ۽ انهيءَ ڪم لاءِ خدا کان ثواب

ڻ جي اميد رکي ٿو. اهڙي شخص جي لاءِ ڪهڙو

ڪم آهي. جواب ڏنائين ته ان ۾ ڪو به هرج نـه

ي ۽ ابن ابي صيف ۽ محب طبريءَ کان منقول آهي

صالحن جي قبرن کي چمڻ جائز آهي.

۽ ڪتاب تبصرة الايمان (جو مذهب شيعه جي رد

لکيل آهي) علامه سلامت علي بنارسي ڇاپو ڪلڪته

۱۲۲ ه جي صفح ۲۲۰ ۾ آهي ته:-

(ترجمون عبارت فارسي) ماتمداري اسلام جي آثارن

مان آهي ۽ دنيا ان مان گهڻي قدر بهره ور ٿي رهي آهي ۽ ديني فاعدا بہ حاصل ڪري رهي آهي. ان ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ امام باڙه يا تربت جو نقل نيار ٿيڻ کان پوءِ لائق تعظيم آهي. انهن جو ادب ڪرڻ ايمان جي شايان آهي.

ان کان سواءِ فتاويٰ عالمگيري .... خزينة الرواية ۽ مطالب المومنين ۾ آهي:-

(ترجمون عربي عبارت) هڪ ماڻهو حضور جنجي خدمت ۾ آيو ۽ عرض ڪيائين تہ مون قسم کاڌو آهي تہ آءٌ جنت جي چوڪٽ ۽ حور جي پيشانيءَ تي چمي ڏيان. حضور جن انکي فرمايو تہ وڃي ماءُ جي قدمن ۽ پيءُ جي پيشانيءَ کي چمي ڏي. ان وري عرض ڪيو تہ يا رسول الله جيڪڏهن ماءُ ۽ پيءُ جيئرا نہ هجن تہ. پاڻ فرمايائون تہ انهن جي قبرن کي وڃي چمي ڏي. ان وري عرض ڪيو تہ جيڪڏهن قبرون بہ نہ سڃاڻي سگهان تہ. پاڻ فرمايائون تہ ٻہ نقش ليڪي ڪيڏ. هڪ کي ماءُ جي قبر ۽ ٻي کي پيءُ جي قبر سمجهي چمي ڏي.

انهيءَ حديث مان تعزيہ ۽ ضريح کي چمڻ صاف طرح واضح ٿي ويو آهي. تعزيہ جي عظمت جنت جي

# ثبوت جواز روئڻ

روئڻ حرام نہ آهي ۽ نہ وري ڪو ان جي ڪري ميت تي عذاب ٿي ٿئي ٿو. خود نبي رنا. حضورجن جا اصحاب رنا ۽ خود حضورجن بہ رنا. قرآن مجيد ۾ حضرت يعقوب جي روج ۽ ملال جو ذڪر موجود آهي تہ روئندي روئندي هن جون اکيون سفيد ٿي ويون. جيئن سيپاره ١٣ رڪوع ۴ سوره يوسف ۾ آهي :- ترجمون. حضرت يعقوب چيو هاء يوسف ۽ ملال جي ڪري روئندي روئندي ان جون اکيون اڇيون ٿي ويون. سو يعقوب وڏو صابر هو.

انهي آيت مان روئڻ جو جائز هوئڻ بہ ثابت ٿيو ۽ هي ڳالهہ بہ ثابت ٿي ويئي تہ روئڻ صبر جي خلاف نہ آهي ڇو تہ حضرت يعقوب تمام گهڻو روج ۽ راڙو ڪيو هو مگر خدا ان کي صابر سڏي ٿو. حالانڪ حضرت يعقوب اهتري قدر نہ رنو هو جو جڏهن حضرت يوسف حضرت جبرئيل کان پڇيو تہ منهنجي پيءُ جي غم جي ڪهڙي حالت آهي تہ ان ٻڌايو تہ :-

(ترجمون عربي عبارت) يعقوب کي اهترو تہ غم

آهي جيترو شمر ڦورن کي جن کي فقط هڪ هڪ پٽ
هجي ۽ اهو مري وڃي ته اوترو غم- حضرت يوسف
وري پڇيو ته ان غم جو ڪو اجر ۽ ثواب به آهي-
جواب ڏنائين ته بيشڪ- ان جو ثواب هڪ سؤ شهيدن
جي برابر آهي.

(ڪتاب تفسير ڪبير جلد ٥ صفحه ١٠٧ ڇاپو مصر)

باوجود ايتري غم ۽ روئڻ جي به حضرت يعقوب
کي خداوند عالم صابر ڪري سڏيو آهي- معلوم ٿيو
ته روئڻ هرگز خلاف صبر نه آهي- در حقيقت صبر
جي معني ٿي آهي قضا ۽ قدر الاهيءَ تي راضي رهڻ
۽ ان جي شڪايت نه ڪرڻ ۽ ظالمن جي ظلم ۽ ستم
جو اظهار ڪرڻ ۽ روڄ ۽ راڙو ڪرڻ خلاف صبر نه
آهي- جيئن امام فخرالدين رازي ڪتاب تفسير ڪبير
جلد ٥ جي صفحه ١١١ مطبوع مصر ۾ زير آيه فصبر
جميل جي تحرير فرمائي ٿو:-

(ترجمون عبارت عربي) قضا ۽ قدر الاهي تي صبر
ڪرڻ واجب آهي- مگر ظالمن جي ظلم، ستم ۽
مڪارين جي مڪر تي صبر ڪرڻ واجب نه آهي-
بلڪ انهيءَ صورت ۾ ان جو ازالو ڪرڻ واجب آهي

خصوصن خاموشيءَ ۾ جڏهن ضرر ۽ نقصان ٻين تائين پهچندو هجي .

انهيءَ مان معلوم ٿيو ته ظالمن جي ظلم ۽ ستم تي خاموشي حرام آهي ڇو ته انهن جي ظلم ۽ ستم کي ظاهر نه ڪرڻ جي ڪري انديشو آهي ته مسلمان ماڻهن کي انهن ظالمن سان همدردي ۽ انهن جي اعمالن ۽ افعالن جي طرف رغبت پيدا ٿي وڃي ۽ اهي ظالمن مان شمار نه ٿي وڃن. جيئن ته راضي الامر ڪفي عليہ. يعني ڪنهن فعل تي راضي رهڻ ان جي ڪرڻ جي برابر آهي. بس ماڻهن لاءِ هن ڪان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو نقصان ٿيندو جو هو ظالمن مان ٿي وڃن. ان لاءِ امام حسين عليہ السلام جي دشمنن کان جيڪي به ظالم ٿي چڪا آهن تن جو اظهار ڪرڻ واجب آهي ۽ ان جي لاءِ روئڻ خلاف صبر نه آهي .

حضورجن جو روئڻ - ڪتاب استيعاب لفظ زباب زيد بن حارث ۾ آهي ته جڏهن حضورجن کي جعفر ۽ زيد جي شهادت جي خبر پهتي تڏهن روڄ ۽ راڙو ڪيائون ۽ فرمائيندا ويا ٿي ته هي ٻئي منهنجا پائر ۽ انيس هوا.

صفحه ٥٩

۽ صحيح بخاري جلد ١ جي
باب البکا عندالمريض ۾ آهي ته حضورجن پنهنجن
اصحابن سميت سعد بن عباده کي پڇڻ لاءِ ويا. اه
جي گهر ۾ ماڻهن جو انبوهه ڏٺائون جنهن تي پڇيائون
ته ڇا هن جو انتقال ٿي ويو. ماڻهن چيو ته اڃان
جيئرو آهي حضورجن روئڻ شروع ڪري ڏنو
حضورجن کي ڏسي اصحاب به روئڻ لڳا.

۽ صحيح بخاري جلد ١ جي صفحه ١٠٦ باب قو
النبي انابک لمحزوزون ۾ آهي ته ابراهيم جي انتق
تي رسول الله رنو ۽ خوب رنو. عبدالرحمان بن عو
چيو ته يا رسول الله اوهين روئو ٿا. حضورجن فرم
ته اک ضرور روئندي ۽ دل ضرور غمگين ٿيندي

صحيح بخاري جي باب ١ جي صفحه ١٥٣ باب
النبي يعذب الميت ببعض بکاء اهله ۾ آهي ته حضو
زينب جي قبر تي رنا.

۽ صحيح بخاري جلد ١ جي صفح ١٥٥ باب
جلس عندالمصيبت ۾ آهي ته حضورجن هک
تائين قنوت پڙهيو ۽ قراءَ جي شهادت تي اي
غمگين رهيا جو انهيءَ کان اڳ ڪڏهين به
مغموم نه ٿيا.

۴ ڪتاب صحيح نسائي باب اخراج الميت من القبر (زيارة القبر) مطبوع نظاميه ڪانپور ۾ حضرت ابوهريره کان منقول آهي ته حضور جن پنهنجي مادر گرامي جي قبر جي زيارت ڪئي ته پاڻ به رنا ۽ ٻين حاضرين کي به رئاريو.

**اصحابن جو روئڻ:-** صحيح بخاري جلد ۱ جي صفحه ۱۴۸ ۽ ۱۴۹ باب الدخول علي الميت ۾ آهي ته حضرت ابوبڪر رضه حضور جن تي رنو ۽ جابر بن عبدالله انصاري حضور جن جي موجودگيءَ ۾ پنهنجي پيءُ تي رنو.

۴ الفاروق حصو اول جي صفحه ۱۴۹ حالات سنه ۲۱ هجري ۾ آهي ته هفتا گذري ويا مگر حضرت عمر کي لڙائي جي خبر نه ملي. جڏهن قاصد آيو ۽ اچي فتح جي خوش خبري ٻڌائي تڏهن خوش ٿيو ۽ جڏهن شهيد ٿي وڃڻ جي خبر ٻڌائين ته بي اختيار روئي ڏنائين ۽ گهڻي دير تائين مٿي تي هٿ رکي روئندو رهيو.

۴ ڪتاب طبقات ابن سعد جلد ۲ قسم اول ذيل من قتل من المسلمين يوم احد جي صفحه ۳۱ ۽ ڪتاب

سيرت حلبيه جلد ٢ جي صفحه ٢٦٨ ۾ آهي ته حضورجن جڏهن ٻڌو ته انصارن جون عورتون پنهنجن پنهنجن عزيزن لاءِ روئي رهيون آهن تڏهن پاڻ چيائون ته هاءِ حمزي جو ڪو به روئڻ وارو ڪو نه آهي- اهو ٻڌي انصارن پنهنجين عورتن کي حضورجن جي گهر موڪليو ته وڃي حضورجن جي چاچي حضرت حمزي لاءِ روئن- عورتن وڃي روئڻ شروع ڪيو- جڏهن حضورجن روڄ ۽ راڙي جو آواز ٻڌو ته پڇيائون ته هي ڇا آهي؟ اصحابن عرض ڪيو ته انصارن جون عورتون حمزي لاءِ روئي رهيون آهن- هي ٻڌي سندن زبان مبارڪ مان هي اکر نڪتا ته اي روئڻ واريون خدا اوهان کان به راضي ۽ اوهان جي اولاد کان به راضي هوندو ان کان پوءِ جڏهن به ڪنهن شهيد جي لاءِ عورتون روئنديون هيون ته امير حمزي لاءِ به ضرور روئنديون هيون.

جناب امير حمزه احد جي لڙائيءَ ۾ شهيد ٿي ويو هو جنهن لاءِ حضورجن روڄ ڪرايو ۽ روئڻ وارن کان پاڻ به راضي رهيو ۽ خدا کي به انهن تي راضي رهڻ جي دعا ڪيائين. ۽ يقينن پاڻ به رنا هوندا جو متي ذڪر ٿيل ته جڏهن ڪين جعفر ۽

زيد جي شهادت جـي خبر پهتي تڏهن روڄ ۽ راڙو ڪيو ائن- انهيءَ مان چٽيءَ طـرح ثابت ٿي چڪو ته شهيدن جي لاءِ روڄ ۽ راڙو ڪـرڻ جائز آهي- جنهن جي ڪري خدا ۽ رسول راضي رهن ٿا- ڪاش! مسلمان تعصب ڇڏي ڪجھ سمجهن ۽ خدا ۽ انجي رسول جي خوشنودي حاصل ڪـن- فدوي-

گريه ۽ بڪا (روڄ ۽ راڙو) جي متعلق ايترا ته واقعات آهن جيڪڏهن جمع ڪيا وڃن ته هڪڙو وڏو ڪتاب تيار ٿـي سگهي ٿـو- ڪربلا جو شهيد ٻين شهيدن جي مثل نه آهي مگر اهڙو ته ظلم سان شهيد ٿيل آهي جو ان لاءِ زمين ۽ آسمان رنا- شجر ۽ حجر رنا- ناطق ۽ صامت رنا- جن ۽ ملڪ ته رنا پر آسمان به رنو- آسمان رنو ته فقط امام حسين جي لاءِ رنو جيئن تفسير در منثور جلد ٦ جي صفحه ٣١ ۾ زير آيه فما بڪت عليهم السماء ۾ منقول آهـي ته آسمان به حسين جي لاءِ رنو.

هاڻي آخر ۾ هي ٻڌائڻ به ضروري آهي ته عام طرح هـي جو مشهور ڪيو ويو آهي ته روئڻ ڪان ميت تي عذاب ٿئي ٿو سو اهي اڪر حضرت عمر جي

وات مان نڪتل آهن ۽ ان مهيب ڪي ان وقت چيا هو
جڏهن هو پنهنجي پاءُ لاءِ روئڻ لڳو هو. جڏهن
عبدالله بن عباس، حضرت عمر جا اهي اکر بيبي
عائشه کي ٻڌايا تڏهن بيبي عائشه اهو غلط قرار ڏنو
۽ فرمايو ته حضورجن ته ڪڏهن به ائين ڪو نه فرمايو
آهي ته مؤمن تي روئڻ جي ڪري ميت تي عذاب
ٿيندو ۽ اوهان جي سمجهڻ جي لاءِ قرآن موجود آهي
خدا فرمائي ٿو لا تزروا زره وزر اخريٰ- يعني هڪڙي
جو بار ٻيو نه کڻندو. پوءِ جڏهن ائين آهي ته روئڻ
وارن جي بلا ٻي جي ميت تي ڪيئن ويندي.

بيبي عائشه ۽ عبدالله بن عباس ۽ حضرت عمر ج
اهي ارشادات صحيح بخاري جلد ١ ڪتاب الجنائز باب
قول النبي يعذب الميت جي صفحه ١٥٤ ۾
موجود آهن.

انهن سڀني روايتن مان معلوم ٿيو ته روئڻ نه خلاف
صبر آهي ۽ نه انهيءَ ڪان ڪو ميت تي عذاب ٿي
سگهي ٿو.

شيعن جي ڪتابن ۾ جتي روئڻ کي مڪروه چيو
ويو آهي اتي هيءَ به وضاحت ڪئي وئي آهي ته
عام ميت تي روئڻ مڪروه آهي مگر امام حسين تي

روئڻ مڪروه نہ آهي جيئن ڪتاب جلال العيون جلد پنجين جي باب پنجين ۾ آهي.

هر جزع کردن و گريستن مکروه است بغير جزع کردن و گريستن در مصيبت امام حسين.

۽ ڪتاب بحار الانوار جلد ١٠ باب البڪاء ۾ آهي ته:-

(ترجمون عربي عبارت) سڀڪو روج ۽ راڙو مڪروه آهي مگر امام حسين جي لاءِ روئڻ ۽ فرياد ڪرڻ مڪروه نہ آهي.

ازآنسواءِ امام حسين جي لاءِ روئڻ جو ثواب تمام گهڻين حديثن ۾ موجود آهي.

# ثبوت جواز نوحه ۽ مرثيه پڙهڻ

نوحه ۽ مرثيه پڙهڻ جائز آهن ڇوته مرثيه جي معنيٰ آهي اڳين وڏن جا مصائب سندن اولاد ۽ دوستن کي ٻڌائڻ- انهي لاءِ اسين ائين چئي سگهون ٿا ته خداوند ڪريم بہ قرآن ۾ مرثيا چيا ۽ ٻڌايا آهن. حضرت يعقوب ۽ حضرت يوسف جا مصائب، حضرت ابراهيم ۽ حضرت اسماعيل جا امتحان، تڪليفون ۽ مصائب ۽ ٻين ٻہ نبين جا مصائب حضور جن کي ٻڌايا آهن ۽

حضور جن وري دوستن ۽ ٻين نبين جي اولاد کي ڏنا هئا آهن. جيڪڏهن مرثيه بدعت ۽ گناه جهڙو ڪم هجي ها ته خدا ۽ انجو رسول انجا مرتڪب ڇو ٿين ها.

صحيح بخاري جلد اول صفحه ١٢٥ باب رثي النبي سعد بن خوله ۾ آهي ته رسول الله خود مرثيا پڙهيا ۽ اسماعيل بخاري ان باب جو نالو ئي رثي النبي رکيو.

۽ حضور جن جي وفات تي سڀني اصحابن مرثيا پڙهيا. خود حضرت ابوبڪر ۽ حضرت عمر رض به مرثيا تصنيف ڪيا ۽ پڙهيا. جيئن ڪتاب روضة الاحباب علامه جلال الدين محدث جلد ١ صفحه ٥٢٦ ۾ آهي :-

(ترجمون فارسي عبارت) حضور جن جي جدائيءَ جي ڪري اهلبيت ۽ اصحاب تمام گهڻو غمگين ۽ محزون هوا. غم ۽ سوز جي ڪري ۽ عجز ۽ نياز خاطر سڀ ڪنهن مرثيه ٿي پڙهيا. انهن ۾ بيبي عائشه به هئي جا رني به ٿي ۽ مرثيو به پڙهيائين ٿي. مرثيه جا هي اکر آهن. ”اي جنابه فاطمه طاهره پنهنجي پيءُ بزرگوار جي قبر تي اچ“ ۽ قبر تان مٽي کڻي پنهنجي اکين تي وڌي ۽ روئڻ شروع ڪيو ۽ مرثيو پڙهيو.

حضرت ابوبڪر رض به حضور جن جي وفات تي مرثيو پڙهيو.

اسان سيني اصحابن ۽ اهلبيتن جا مرثيا هتي درج ڪري ٿا سڀني جو تمام گهڻا آهن. اسان جو مقصد فقط اهو آهي ته اهو ثابت ٿئي ته مرثيا جائز آهن ۽ انهن بزرگ هستين به پڙهيا آهن.

۽ ڪتاب مدارج النبوت جلد ٢ صفحه ٥٧٠ در ذڪر دفن آنحضرت ڇاپو نول ڪشور ڪانپور ۾ آهي.

(ترجمون فارسي عبارت) حضور جن جي وفات تي سيني اهلبيتن ۽ اصحابن ڪرامن مرثيا تصنيف ڪيا.

۽ انهيءَ ڪتاب مدارج النبوة جي صفحه ٦٥٧ تي آهي ته حضرت عمر بن خطاب، عروه بن مسعود جي وفات تي مرثيا پڙهيا.

۽ ڪتاب شواهدالحق صفحه ٥٥ تي آهي ته بيبي فاطمه زهرا پنهنجي والد بزرگوار سردار دوجهان جي قبر تي نوحه ڪيا ۽ قبر جي مٽي اکين تي وڌي ۽ به بيت مرثئي جا نظم ڪري پڙهيا.

۽ صحيح بخاري جلد ٣ صفحه ٦٠ باب مرض النبيءَ ۾ بيبي فاطمه جو نوحه درج آهي جنهن ۾ بيبي صاحبه هاء بابا- هاء بابا ڪري دانهون ڪيون آهن ۽ فرياد ڪيا آهن ۽ دفن ڪان پوء هي الفاظ

چيا آهن ”هاءِ او ماڻهو اوهان منهنجي ڀيءُ کي مٽيءَ ۾ ڇپائي ڇڏيو.“

۽ اهل سنت جي امام شافعي عليہ الرحمه امام حسين جي لاءِ مرثيو تصنيف ڪيو آهي ۽ خود پڙهيو آهي جو ڪتاب ينابيع المودة صفحه ٢٩٧ ڇاپو بمبئي ۾ آهي.

(عربي شعر جو ترجمو)

١- منهنجو غم ايري آيو ۽ دل غمزده آهي جنهن منهنجين اکين کي بيدار ڪري ڇڏيو- ۽ ننڊ اڏامي ويئي.

٢- دنيا محمد جي آل تي ظلمن جي ڪري زلزلي ۾ اچي ويئي آهي ٻري نہ آهي جو وڏا وڏا جبل ڀڳهر جي وڃن.

٣- ڪو آهي جو منهنجا سلام حسين کي پهچائي ڏئي- جيتوڻيڪ ماڻهو هي ڳالهہ پسند نہ بہ ڪن.

٤- حسين بنا ڏوهہ ۽ خطا جي شهيد ڪيو ويو- ان جي قميص ڳاڙهي رنگہ جي رت مان رنگين آهي.

٥- ڪيتري قدر نہ تعجب جي ڳالهہ آهي تہ نبي مختيار هاشميءَ تي درود بہ پڙهيو وڃي ٿو ۽ ان جي فرزند کي قتل بہ ڪيو وڃي ٿو.

٦- جيڪڏهن محمد جي آل سان محبت ڪرڻ گناهه آهي ته اهو اهڙو نه گناه آهي جنهن کان آءٌ ڪڏهين به توبه نه ڪندس.

٧- اهيئي هستيون تہ قيامت ۾ منهنجي شفاعت ڪرڻ واريون آهن ۽ انهن سان محبت رکڻ شافعي لاه گناهه ڇو وجي ٿو.

## شاهه عبدالعزيز فاروقي دهلوي جي فتويٰ

فتاويٰ عزيزي جي صفحہ ٣٣٢ تي شاهہ صاحب فرمائي ٿو تہ مرثيو پڙهڻ ۽ ٻڌڻ بشرطيڪ تہ ان ۾ اهلبيت جي تحقير ۽ اهانت يا الله ڏانهن ظلم ۽ ستم جي نسبت نہ هجي تہ پنهنجي گهر ۾ جائز آهي.

۽ صفحہ ٢٠٥ تي لکي ٿو تہ جيڪڏهن مرثين ۽ ڪتابن ۾ احوال سچا هجن تہ ٻڌڻ ۾ عيب نہ آهي ۽ صفحہ ٢٦٢ ۽ ٢٦٣ تي لکي ٿو سڄي سال ۾ فقير جي گهر ٻہ مجلسون منعقد ٿينديون آهن- هڪڙي ذڪر وفات شريف جي ۽ ٻي عاشوري جي ڏينهن حسين جي شهادت جي- هڪ ٻہ ڏينهن اڳئي ماڻهو جمع ٿيڻ لڳن ٿا اٽڪل هزار کن ماڻهو جمع ٿين ٿا. پهريائين درود شريف پڙهن ٿا ۽ جڏهن فقير اچي وهي ٿو تہ حسين جي فضائل جو ذڪر جو حديث شريف

۾ آيو آهي اهو بيان ٿئي ٿو. ۽ حديثن موجب
بزرگن جي شهادت جون خبرون ۽ انهن احوالن ج
تفصيل ۾ ظالمن جي بد انجاميءَ جا احوال بيان ٿي
ٿا. انهيءَ متن ۾ ڪي مرثيا به جي آدم زادن ڪا
سواءِ جنن ۽ پرين کان جي بيبي ام سلمه ۽ ٻين ج
بدل به مذڪور ٿيون ٿا ۽ اهي وحشتناڪ خواب
جي حضورجن جي روح مبارڪ جي حزن ۽ اندوه تي
دلالت ڪن ٿا ۽ جي حضرت ابن عباس ۽ ٻين اصحاب
ڏٺا هوا، اهي به بيان ڪيا ٿا وڃن. ان کان پو
قرآن شريف جو ختمون ۽ پنج آيتون پڙهي فاتحه ڏن
ٿي وڃي ۽ انهيءَ وچ ۾ ڪو سني آواز سان مرثي
يا سلام پڙهندو آهي ته مجلس ۾ اڪثر ويٺلن ماڻه
تي رقت ٿئي ٿي ۽ روئڻ ٿئي ٿو. اهو آهي احو
جيڪو عمل ۾ اچي ٿو. اهي ڪم جيڪي انهي
موقعي تي ڪيا ٿا وڃن جيڪڏهن فقير وٽ ناج
هجن ها ته هرگز ائين نه ڪري ها.

# ثبوت جواز ماتم ڪرڻ ۽ مٿو ۽ سينو پٽڻ ۽ مٿي تي مٽي وجهڻ

جيڪڏهن محبت جي جوش ۾ حضورجن جي فرزند جي غم ۾ سيني زني ڪئي وڃي ۽ منهن تي ڏک هنيا وڃن ۽ مٿي تي مٽي وڌي وڃي ته ثواب جو باعث آهي. جيئن اڳيئي مفصل طرح تحقيقات لکي چڪا آهيون ته حضورجن پنهنجي مٿي مبارڪ تي مٽي وڌي جيئن عبدالله بن عباس جي خواب مان ثابت ٿيو ته حضورجن جا وار مبارڪ ڏاڙهي مبارڪ ٿڙيل ۽ خاڪ آلوده هوا.

ازآنسواء خود حضرت عمر به پنهنجي سر تي خاڪ وسائي آهي صرف هن غم ۾ ته حضورجن بيبي حفصه (ڌيءَ حضرت عمر) کي طلاق ڏيئي ڇڏيو آهي. جيئن ڪتاب استيعاب جلد ٢ صفحه ٧٣٤ طبع دڪن ڪتاب النساء باب الحاء ۾ آهي ته جڏهن حضورجن بيبي حفصه کي طلاق ڏيئي ڇڏيو ته حضرت عمر پنهنجي مٿي تي مٽي وڌي.

ازآنسواء اها روايت ڪتاب اصابه في تميز اصحابه

[illegible] جي [illegible] ۱۲۱ [illegible] آئون ۾
بہ آھي.

جڏھن صرف طلاق جي غم ۾ مٿي تي مٿي وجھڻ جائز آھي تہ حضورجن جي فرزند جي شھادت جي غم ۾ سندن مصيبتن جي غم ۽ رنج جي اظھار جي ڪري مٿي وجھڻ ڪي ڪيئن حرام چئي سگھبو. مٿو يا سينو پٽڻ يا ران تي ھٿ ھڻڻ خود حضورجن، حضورجن جي اصحابن ۽ اھلبيتن جي عمل مان ثابت آھي. حضورجن جو پنھنجي ران تي پٽڻ ڪتاب صحيح نسائي باب الترغيب في قيام اليل صفحہ ۲٦٩ ڇاپو نظاميہ ڪانپور ۾ آھي جنھن جا لفظ ھي آھن:-

(ترجمون عربي عبارت) رسول الله فرمائيندو بہ ويو ۽ پنھنجو ھٿ پنھنجي ران تي ھڻندو بہ رھيو ٿي.

۽ انھيءَ ڪتاب سنن نسائي ڪتاب الامامۃ صفحہ ۱۲۹ مطبوع ڪانپور ۾ آھي تہ حضورجن ابن صامت جي ران تي ھٿ ھنيو. الفاظ ھي آھن:-

(ترجمون عربي عبارت) ابن صامت ابوالعاليہ کي مخاطب ٿي چيو تہ مون رسول الله کان سوال ڪيو جھڙو تو مون کان سوال ڪيو آھي تہ رسول الله منھنجي ران تي ھٿ ماريو جيئن مون تنھنجي ران تي

هٿ ماريو آهي.

۴ انهيءَ ڪتاب صحيح نسائي باب الڪلام في الصلواة صفحه ١٩٧ ۽ ١٩٨ تي آهي ته حضورن هڪڙيءَ ٻانهي کي جنهن کنهن صدمي جي ڪري پنهنجو منهن پٽيو تي ان کي آزاد ڪرائي ڇڏيو ۽ ان کي مومنه چيو آهي.

۴ ساڳئي ڪتاب جي ساڳئي باب ۽ ساڳئي صفحه تي آهي ته حضورجن جي اصحابن پنهنجن رانن تي پٽيو آهي. چنانچه هي اکر آهن. فضرب القوم بايديهم علي افخا رهم يعني ماڻهن پنهنجن هٿن سان پنهنجين رانن کي پٽيو.

۴ صحيح بخاري جلد ٣ صفحه ٦٣ باب مرض النبي ۾ آهي ته حضرت ابوبڪر حضورجن جي وفات جي صدمي کان پاڻ کي زمين تي ڪيرايو.

۴ ڪتاب مدارج النبوه صفحه ٥۴۴ جلد ٢ ذڪر گذاردن نماز حضرت ابوبڪر در مرض رسول مطبوع نول ڪشور ڪانپور ۾ آهي ته جڏهن حضرت بلال حضورجن جو پيغام حضرت ابوبڪر کي پهچايو ته حضورجن مسجد ۾ تشريف وٺي نٿا اچي سگهن ۽ اوهان هلي نماز پڙهايو ته اها خبر ٻڌي ته اج مسجد

حضورجن کان خالي رهندي ته حضرت ابوبکر پاڻ کي پنهنجي منهن پر ڪيرايو ۽ بي هوش ٿي ويو . ۽ انهيءَ ڪتاب جي ساڳئي صفحه تي آهي ته جڏهن حضورجن بلال کي حڪم ڏنو ته وڃي حضرت ابوبکر کي پيغام پهچائي ته پاڻ خود اچ مسجد ۾ نماز پڙهائي، تڏهن حضرت بلال مٿو پٽيندو ۽ دانهون ڪندو گهر کان ٻاهر نڪتو ۽ ڪتاب مسند امام حنبل جلد ٦ جي صفحه ٢٧٤ ۾ آهي ته حضورجن جي انتقال جي وقت بيبي عائشه ۽ ٻين اصحابن جي عورتن ماتم ڪيو ۽ پنهنجا مٿا ۽ سينا پٽيا .

اهو به ياد رکڻ کپي ته حضورجن جي وفات وقت بيبي عائشه جي عمر ١٨ سال هئي جيئن تاريخ ابوالفدا جلد ١ صفحه ١٢٦ ۾ آهي - جيڪڏهن انهن جو ماتم ڪرڻ ۽ پٽڻ بدعت آهي ته پوءِ امام حسين جي ماتمدارن کي به انهيءَ بدعت تي عمل ڪرڻ ڏنو وڃي . جيڪڏهن هنن کان خدا جي درٻار ۾ ان بابت ڪا پڇا ٿيندي ۽ ان جو جيڪو به عذر اهي پيش ڪندا هون ته اهو ساڳيو عذر حسين جا ماتمدار به پيش ڪندا .

۴ ڪتاب مدارج النبوت جلد ۲ صفح ۱۶۳ ذڪر جنگ احد مطبوع نولڪشور ڪانپور ۾ آهي تہ شيطان حضور جن جي شهيد ٿي وڃڻ جي خبر مشهور ڪئي جڏهن اها خبر مديني تائين پهتي تہ هاشمين جي عورتن تي انجو گهڻو اثر ٿيو ايتري قدر جو جنابہ فاطمہ الزهرا سڄو پٽيندي ٻاهر نڪري آئي. (عبارت فارسي)

۵ ڪتاب فتح الباري شرح صحيح بخاريءَ ۾ آهي يضرب فخذه يدل علي جواز ضرب الفخذ عند التاسف. يعني راويءَ جو قول آهي تہ حضور جن پنهنجون رانون پٽيون ٿي. اهو رسول جو فعل انهيءَ ڳالهہ جو ثبوت آهي تہ تاسف (غم) جي وقت ائين ڪري سگهجيٿو.

۶ انهيءَ ڪتاب فتح الباريءَ ۾ هيءَ بہ روايت آهي جنهنجو مطلب هي آهي تہ:-

(عربي عبارت) هڪڙو ماڻهو حضور جن جي خدمت ۾ آيو ۽ پنهنجو سينو ڪٽي رهيو هو ۽ وارن کي کوهي رهيو هو ۽ مري ويس - مري ويس جو آواز بلند ڪري رهيو هو ۽ مٿي تي مٽي پيل هيس. اهو ڏسي بہ حضور جن انکي ڪابہ منع نہ ڪئي. جڏهن عام مصيبت ۾ اهڙي حالت ڪري سگهجي ٿي تہ حضور جن جي فرزند جي غم ۾ ڪهڙي دستور ممانعت ٿي

۾ تاج الدين سبڪي طبقات شافعيه ۾ بيان احوال
طبقهٔ ثالث ۾ لکي ٿو ته:-
(ترجمون عربي عبارت) محمد بن ايوب، رازي
جي موت جي خبر ٻڌي روئندو ۽ دانهون ۽ ڪوڪون
ڪندو، ڪپڙا ڦاڙيندو ۽ مٿي تي مٽي وسائيندو گهر
۾ آيو.
۾ ڪتاب عقد فريد جلد ۲ صفح ۴ ڇاپو مصر ۾
آهي ته:-
(ترجمون عبارت عربي) جڏهن حضرت عمر کي نعمان
بن مڪرم جي موت جي خبر ملي ته پاڻ مٿي تي هٿ
رکي دانهون ڪري رنو ۽ چيائين پئي ته هاء نعمان
۾ تاريخ ابن اثير ۾ آهي ته:-
(ترجمون عبارت عربي) امام حسين جي شهادت کان
پوء عمر بن سعد ٻه ڏينهن ڪربلا جي ميدان ۾ رهيو
پوء امام جي نياڻين، ڀيڻن ۽ ٻارن کي وٺي ڪوفي
ڏانهن روانو ٿيو. انهي وقت امام زين العابدين بيمار
هو. جڏهن اهو قافلو انهيءَ جاء وٽان لنگهيو جتي امام
۽ سندس ساٿين جا لاش پيا هوا ته سيني ٻيبين لاش
کي ڏسي آه و فغان ۽ روڄ شروع ڪيو ۽ پنهنجي

منهن کي پٽڻ لڳيون ۽ بيبي زينب داهون ڪري فرياد ڪرڻ لڳي ته اي نانا محمد! اوهان تي ملائڪن آسمان مان لهي اچي نماز پڙهي ۽ ان هان جو فرزند حسين رت ۾ ٻڏو ٽڪرا ٽڪرا ٿيو جهنگل ۾ گرم زمين تي پيو آهي. تنهجون نياڻيون قيد ٿيون آهن ۽ تنهنجو اولاد قتل ٿي ويو آهي جنهن تي هوا مٽي اڏائي رهي آهي.

۽ ان کان سواء خواجه اويس قرني جي حالت به ڏسجي. جنهنجي شخصيت سيني مسلمانن وٽ مسلم آهي. ان کي جڏهن معلوم ٿيو ته جنگ احد ۾ حضور جن جا ڏند مبارڪ شهيد ٿي ويا آهن ۽ سندن منهن مبارڪ کي به تڪليف پهتي آهي ۽ چيله کي به اذيت پهتي آهي ته هن به پنهنجا سڀ ڏند پيچي ڦٽا ڪيا ۽ ساڳيون تڪليفون پاڻ کي ڏنائين جيڪي حضور جن کي پهتيون هيون. جيئن ڪتاب سيرت حلبيه جلد ٢ صفح ٢٦٥ ڇاپو مصر ۾ آهي ۽ خواجه صاحب جي شخصيت ۽ سندس مناقب به انهي ڪتاب جي ساڳئي صفح تي موجود آهن.

۽ ڪتاب طبري حال موت ابوبڪر ۾ آهي ته بيبي عائشه پنهنجي پيءُ جي موت تي نوحه خواني ڪرائي.

( عبارت عربي )

# ثبوت جواز ڪارو لباس

از جناب علامه الحاج مرزا احمد علي صاحب
( ڪتاب ” دليل عزاء “ جي صفح ٣٤ تان آندل )

ڪارو لباس يا ڪارو رنگ ڪيترني قومن ۾ اڪثر ڪري غم جي اظهار جو نشان تسليم ڪيو ويو آهي جيئن ته غم جو جذبو خوشيءَ جي جذبي ڪان زياده اثر وارو ۽ خراب ڪمن کان محفوظ رکڻ وارو ٿئي ٿو. ان لاءِ دين جي بزرگن ڪاري رنگ کي پسند ڪيو آهي. جيئن تواريخن مان ثابت آهي ته حضور جن ڪاري ڪملي اوڍيندا هئا. ڪعبة الله شريف جو غلاف به ڪارو هئڻ انهيءَ حقيقت جي جذبي کي ظاهر ڪري ٿو. حضرت ابو حنيفه اهلسنت جي امام اعظم لاءِ به تواريخن مان ملي ٿو ته ڪاري عبا اوڍيندو هو ڪتاب سيرة النعمان شبلي نعماني جلد اول صفح ٤٣ تي آهي ته امام ابو حنيفه ڪاري ٽوپي پائيندو هو.

جلاء العيون صفح ٢٠٧ (ڪتاب الشيعه) تي آهي ته (عبارت فارسي) امام زين العابدين فرمايو ته هاشمين امام جي ماتم ۾ ڪارا ڪپڙا پاتا ۽ صفح ٢٤٩ تي آهي ته بيبي سڪينه حضور جن ۽ حضرت عليءَ ۽

حضرت فاطمه کي امام جي غم ۾ ڪارن ڪپڙن پائڻ سان ڏنو. ۽ صفحه ٢١٧ تي آهي ته اهلبيتن شام ۾ ڪارا ڪپڙا پاتا.

## ثبوت جواز اهلبيتن پاڪن جو نالو رستن ۽ بازارين ۾ وڏڻ

اهلسنت جي عالمن ۽ فاضلن ڪيترن ڏي هنڌن نالا ورتا آهن. ان لاءِ حڪيم سنائي جو هڪڙو شعر پيش ڪجي ٿو.

شهربانو و زينب نالان - خاندان محمدي ويران

اصل ۾ حقيقت هيءَ آهي ته مظلوم جو نالو ان جي مظلوميت جي بيان ڪرڻ لاءِ ورتو وڃي ته ڪوبه عيب نه آهي جيئن قرآن ڪريم ۾ بيبي مريم جو نالو خدا ورتو آهي چونه ان تي تهمت لڳائي ويئي هئي جو ان تي ظلم هو. خداوند عالم قرآن مجيد ۾ فرمائي ٿو. و مريم البنت عمران التي احصنت فرجيها ٥ (سيپارو ٢٨ رڪوع ٢٠ سوره تحريم)

هاڻي ڪير چئي سگهندو ته خدا نالو ڇو ورتو ۽ تراويحن ۾ هزارن جي مجمع ۾ سر بازار مسجد ۾ اها آيت پڙهي ويندي آهي.

ھوز جن جي ٻين ٻيين نائبن پهچي ٿو اهي حديثو

عظن ۾، مدرسن ۾ ۽ جلسن ۾ بيان ڪيون وڃ

ون. جيتوڻيڪ انهن ني ڪو ظلم ۾ نه ٿيل آهي

بيتن پاڪن ني نه ڏاڍا ظلم ٿيا آهن. انڪري انھ

ي مظلوميت ظاهر ڪرڻ لاءِ انهن جا نالا وٺڻ بقيه

ئز آهي. انڪان سواءِ قرآن مجيد جي ڇهين سيپا

ي ابتدا جنهن آيت سان ٿئي ٿي اها آيت صاف طر

ر ڪري ٿي ته ڪنهن برائيءَ جو ظاهر ڪرڻ اڳ

ا ڪي پسند نه آهي مگر مظلوميت کي ظاهر ڪر

لاءِ جائز آهي. لا يحب الله الجهر بالسوء من القو

من ظلم و كان الله سميعا عليما.

## بوت عاشوري جي ڏينهن

## وزو رکڻ منسوخ ٿي ويو.

صحيح بخاري، صحيح مسلم ۽ مسند امام حنبل

اهلسنت جا وڏا ۽ معتبر ڪتاب آهن جن تي

سنت جي مذهب جو دارو مدار آهي. انهن ڪتابن

صاف صاف لکيل آهي ته عاشوري جو روزو صرف

ءِ وقت تائين رهيو جيستائين ماه رمضان المبارڪ

جا روزا فرض نہ ٿيا هوا. پر جڏهن ماه رمضان جا روزا واجب ٿيا تہ عاشوري جو روزو ترڪ ڪيو ويو. جئن صحيح بخاري جلد ٣ صفح ٦٨ ڪتاب التفسير سوره البقر باب ڪتب عليڪم الصيام ۾ آهي تہ اشعث عاشوري جي ڏينهن عبد الله وٽ ويو ڏٺائين تہ هو کاڌو کائي رهيو آهي ان تي انکي چيائون تہ اڄ تہ عاشوري جو ڏينهن آهي. ان تي عبدالله جواب ۾ چيس تہ برابر پر عاشوري محرم جو روزو ايستائين تائين هو جيستائين تائين رمضان جا روزا فرض نہ ٿيا هئا جڏهن رمضان جا روزا واجب ٿيا تڏهن عاشوري جو روزو ترڪ ڪيو ويو. اڄ- تون بہ اچي کاءُ .

اما حديث صحيح مسلم جلد ١ صفح ٣٥٨ سٽ ١٥ مطبوع نول ڪشور ۾ عبدالرحمان کان بہ منقول آهي.

۽ ڪتاب مسند امام حنبل جلد ٦ جي صفح ٣٠ ۾ ام المومنين بيبي عائشه کان منقول آهي تہ .

ترجمون عربي عبارت - جاهليت جي زماني ۾ قريش عاشوري جو روزو رکندا هئا ۽ حضور جن بہ روزو رکندا هئا. جڏهن حضور جن مديني ۾ تشريف فرما ٿيا تڏهن بہ روزو رکيائون ۽ ماڻهن کي بہ حڪم ڏنائون. پر جڏهن رمضان جا روزا فرض ٿيا تڏهن عاشوري جو روزو ترڪ ڪيو ويو.

ڪتاب صواعق محرقه جي صفحه ۱۳۳ مطبوع مصر ۾
ڏنين به لکيل آهي ته يزيد کي ملعون نه چوڻ گهرجي
چوته اهو مومن هو. افسوس صد افسوس. حضور جن
جي فرزند امام حسين جي قاتلن لاء نه انهن ماڻهن جو
هو اعتقاد ته اهو مسلمان ۽ مومن هو پر جيڪڏهن
ڪي حبدار اهلبيتن جي دشمن کي ڪي اڪر چون
فورن انهن تي ڪافر وغيره جهڙن فتوائون جاري
ٿيون ڪيون وڃن. مگر اهلبيتن کي قتل ڪرڻ ۽
ٻهٽ وڏ ڳالهائڻ وارن کي ڀڪو مسلمان ۽ مومن ٿو
ڪيو وڃي.

انهيءَ مان صاف ظاهر آهي ته اهي اهلبيت پاڪن
سان ڪوبه تعلق نٿا رکن. جيڪڏهن انهن جي نظرن
۾ امام حسين جي عزت انهيءَ لاء نه آهي ته هو اهلبيتن
مان آهي ته ڪم از ڪم حسين کي اهو درجو ته ڏين
جو حضور جن جي ٻين اصحابن کي ٿا ڏين ڇو ته
حسين به ته حضور جن جي صحبت جو شرف حاصل
ڪيو آهي جنهن کان ڪوبه مسلمان انڪار ڪري

نتو سگهي. مگر حقيقت هيءَ آهي ته هتي ته اهلبيتن ۽ اصحابن جو سوال ئي نه آهي- مگر هتي ته هاشمين جي خاندان سان دشمنيءَ جو سوال آهي. خواه انهيءَ خاندان ۾ هاشمي هجن يا اصحاب - جو نه اهي هاشمي آهن ان ڪري دشمن آهن ۽ انهن جا قاتل مومن آهن.

ڪي ماڻهو ائين به چوندا آهن ته امام حسين جي قتل لاءِ يزيد حڪم ڪونه ڏنو هو ۽ نه وري ڪو هن قتل تي راضي ٿيو ۽ افسوس جو اظهار ڪيو اٿس. انهيءَ جو جواب هي آهي ته جيڪڏهن امام حسين جو قتل يزيد جي حڪم ۽ مرضيءَ سان نه ٿيو هو ته پوءِ جنهن وقت امام حسين جو سر هن جي دربار ۾ پيش ڪيو ويو هو ته جو سر مبارڪ کي لڪڻ به هڻندو ويو ۽ بي ادبي به ڪندو رهيو ۽ پوءِ وري جو امام عليه السلام جي اهلبيتن کي قيد ۾ رکيائين. انهن ظلمن، گستاخين ۽ بي ادبين وغيره کي ڏسي شارح عقائد نفسيءَ پنهنجي ڪتاب جي صفحه ١١٧ مطبوع مجتبائي پريس دهلي تي صاف صاف غير مبهم لفظن ۾ تحرير فرمايو آهي ته:-

(ترجمو عربي عبارت) حق هي آهي ته يزيد جو حسين جي قتل تي راضي ۽ خوش ٿيڻ ۽ نبيءَ جي

اهلبيتن جي توهين ڪرڻ ايتري قدر ته نمايان طرح ثابت ٿي چڪو آهي جو بلحاظ معنيٰ متواتر مان آهي.

ان ڪان سواءِ يزيد نه رڳو امام حسين جي شهادت تي خوش ٿيو آهي پر فخر به ڪيو اٿس ۽ پنهنجي خاندان وارن ڪافرن، جيڪي جنگ بدر ۾ حضرت علي ۽ ٻين هاشمين جي هٿان مارجي ويا هوا تن جي بدلي وٺڻ جو به اظهار ڪيو اٿس. اهي سڀ حقيقتون هنجي هيٺين شعرن مان ثابت ٿين ٿيون جي هن ان وقت پڙهيا هئا جڏهن امام حسين جو سر مبارڪ هن جي دربار ۾ پيش ٿيو هو جنهن جي بي ادبي به ڪندو رهيو ٿي ۽ شعر به پڙهندو رهيو ٿي. انهن کي سلا محمد مبين پنهنجي ڪتاب وسيلة النجات صفحه ٢٩٩ مطبوع گلشن فيض لکنو ۾ درج ڪيو آهي.

(عربي شعر - ان جو ترجمون)

افسوس اڄ منهنجا اهي بزرگ هجن ها جيڪي جنگ بدر ۾ ماريا ويا ته اهي خوش ٿي مونکي داد ڏين ها ته مون انهن جو ڪهڙو نه سٺو بدلو ورتو ۽ سادات بني هاشمين کي قتل ڪيو. اٿون عتبي جي نسل مان شمار ٿي نه ٿيان ها جيسين آل محمد کان

انهن ڳالهين جو وير نه وٺان ها جو رهجي ويو هو در حقيقت بني هاشمين ملڪگيريءَ لاءِ هڪڙو ڪيڏو کيليو هو. نڪو انهن وٽ ڪو فرشتو ئي آيو ۽ نڪو ڪو وحي به نازل ٿيو.

انهن شعرن مان هن جو دين ۽ ايمان بلڪل ظاهر آهي ته اهو بدبخت رسالت جي وحيءَ جو به منڪر آهي.

# آخرين گذارش

آخر ۾ منهنجي گذارش آهي ته اهل اسلام وارا سڀ پنهنجي رسول جي نواسي جي ياد ملهائين ڇو ته حسين امت جي ڏي خاطر پنهنجي جان، مال ۽ اولاد قربان ڪيو. جيڪڏهن حسين پنهنجي قرباني پيش نه ڪري ها ته دنيا ۾ اڄ يزيد جو دين هجي ها. اهو حسين جو احسان آهي جو پاڻ کي قربان ڪري دين کي بچايائين. ان لاءِ خواجه معين الدين چشتي اجميري فرمائي ٿو:-

شاه است حسين - بادشاه است حسين
(شاه آهي حسين - بادشاه آهي حسين)
دين است حسين - دين پناه است حسين

(دين آهي حسين - دين جي پناه آهي حسين)

سر داد نہ داد دست در دست يزيد

(سر ڏنائين مگر نه ڏنائين هٿ يزيد جي هٿ ۾)

(بيعت نه ڪيائين)

حقا ڪه بنائي لااله است حسين

(قسم حق جو ته لااله (ڪلمي) جو بنياد آهي حسين)

نوٽ :- هن ڪان پوءِ به ڪي مولانا صاحب جا مضمون ۽ اهلسنت جي عالمن جون ماتم جي جائز هئڻ جي باري ۾ فتوائون ان جي ڪتاب ۾ آهن مگر جڳه نه رهڻ ڪان ڪتاب ڪجهه وڏو ٿي ويو آهي - سيني مومن جي لاءِ ڪافي روشني پئجي چڪي آهي انڪري فقط سلام تي هن ڪتاب کي آخرين صورت ڏجي ٿي.

مؤلف

آصف علي جمون خان چنو

# سلام

از :- ميرزا بخش علي

اعلي تنهو شان پيارو مظلوم كربلا جو
مداح خود خدا تنهو زهرا جي دلربا جو

جنهن پنهنجو گهر لٽائي اسلام کي بچايو
احسان دين تي تيو فرزند مرتضيٰ جو

پنهنجي ڪلهي تي جنهن کي چاڙهيو رسول برحق
نيزي تي چاڙهيو اعدا سر سبط مصطفيٰ جو

عابد اسير تي جڏهن ڪوفي ۽ شام ويو
تڙپيو هو روح ان دم محبوب ڪبريا جو

سر تان لٽي جا چادر سج پئي لڪي ويو اندم
سا بيبي ننگي سر ڪيئون - هي ظلم اشقيا جو

سيني تي شه جي ويٺو شمر لعين هٿي هٿي
حلق حسين تي اج رکي خنجر جفا جو

اي بخشعلي مدح خوان تي پنجتن جي در جو
رکجان يقين ڪامل هي در اٿئي شفا جو